www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) آچر 28 سيپٽمبر 2025 ع بمطابق 04 ربيع الثاني 1447ھ (شمارو 348) قيمت 20 روپيا

گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل ايران تي پابندين ۾ واڌ جي چين ۽ روس جي قرارداد رد ڪري ڇڏي

گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل ۾ 2015 جي ايٽمي معاهدي جي تحت ايران کي ڍنل پابندين ۾ نرمي جي مدي ۾ واڌ جي قرارداد منظور نه ٿي سگهي

سلامتي ڪونسل چين ۽ روس طرفان پيش ڪيل گڏيل قرارداد کي رد ڪري ڇڏيو اها قرارداد رد ڪرڻ جو مطلب آهي ته معاهدي جي تحت ايران مان ختم ڪيل پابنديون اڄ شام کان ٻيهر لاڳو ٿي وينديون

اسان جو ملڪ ايران تي پابندين جي بحالي کي رد ڪري ٿو، تهران خلاف قراردادون غيرقانوني ۽ عمل نه ڪرڻ جوڳيون آهن، 3 يورپي ملڪ نيوڪليئر ڊيل کي مڪمل تباهه ڪرڻ چاهين ٿا: روس جي نائب مستقل سفير

ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي گڏيل قومن کان مطالبو ڪيو ته هو انهي صورتحال کي غيرقانوني قرار ڏئي، هن الزام لڳايو ته آمريڪا سفارتڪاري ۾ غداري ڪئي برطانيه، فرانس ۽ جرمني انهي کي دفن ڪري ڇڏيو

15 رڪني سلامتي ڪونسل جي 8 ميمبرن قرارداد جي مخالفت، 4 حمايت ڪئي جڏهن ته 2 ميمبر غير حاضر رهيا، جنهن بعد ايرن ت پابندين ۾ واڌ جي قرار داد رد ڪئي وئي

نيويارڪ (م ر) گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل ۾ 2015 جي ايٽمي معاهدي جي تحت ايران کي ڍنل پابندين ۾ نرمي جي مدي ۾ واڌ جي قرارداد منظور نه ٿي سگهي. سلامتي ڪونسل چين ۽ روس طرفان پيش ڪيل گڏيل قرارداد کي رد ڪري ڇڏيو رپورٽن موجب اها قرارداد رد ڪرڻ جو مطلب آهي ته معاهدي جي تحت ايران مان ختم ڪيل پابنديون اڄ شام کان ٻيهر لاڳو ٿي وينديون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪوئيٽه :مسافر بس ۽ ايراني تيل گاڏي ۾ ٽڪر حادثي بعد زخمين ۽ فوتين کي ريسڪيو ڪيو پيو وڃي

پنجگور ۾ مسافر بس ۽ ايراني تيل سان ڀريل گاڏي ۾ ٽڪر، 8 ڄڻا سڙي فوت، 3 زخمي

حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو، شروعاتي طور تي 5 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي اطلاع ملي، اسپتال منتقلي بعد فوتين جو انگ 8 ٿي ويو

لاشن ۽ زخمين کي فوري طور تي ٽيچنگ اسپتال پنجگور منتقل ڪيو ويو، زخمن جو علاج جاري آهي جڏهن ته ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو

پوليس حادثي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، تيز رفتاري کي شروعاتي طور تي حادثي جو بنيادي سبب قرار ڏنو ويو آهي

ڪوئيٽا (م ر) بلوچستان جي ضلعي پنجگور ۾ سي پيڪ روڊ قومي شاهراهه تي هڪ مسافر بس ۽ ايراني تيل سان ڀريل گاڏي جي ٽڪر ۾ خطرناڪ ٽڪر سبب ٻنهي گاڏين ۾ باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا سڙي فوت، جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وزيراعظم شهباز شريف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ملاقات کي اتساهيندڙ قرار ڏئي ڇڏيو

آمريڪي صدر سان ملاقات ۾ معيشت، دهشتگرديءَ جي خاتمي، معدنيات، آءِ آءِ ٽي ۽ ڪرپٽو تي ڳالهيون ٿيون ۽ آمريڪا واپار، آءِ ٽي ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري لاءِ تيار آهي:وزيراعظم

پاڪستان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ معدنيات جي قيمت جو مناسب تعين ٿيندو، پاڪ_آمريڪا واپاري معاهدا گڏيل مفادن تحت ٿيندا

سعودي عرب ويسٽ ۽ اتي تاريخي آجيان ڪئي وئي، 40 سالن ۾ اهڙي قسم جو آدرڀاءُ نه ڏنو آهي:شهباز شريف

نيو جرسي (م ر) وزيراعظم شهباز شريف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ملاقات کي اتساهيندڙ قرار ڏئي ڇڏيو وزيراعظم نيوجرسي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته آمريڪي صدر سان ملاقات ۾ معيشت، دهشتگرديءَ جي خاتمي، معدنيات، آءِ آءِ ٽي ۽ ڪرپٽو تي ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: پاڪستاني ڪمپني ۽ چيني ڪمپني وچ ۾ ايم او يو تي صحيح ٿي رهيون آهن

ورلڊ بينڪ پورٽ قاسم کي دنيا جو نائون ترقي يافته پورٽ قرار ڏئي ڇڏيو آهي: محمد جنيد انور چوڌري

اسلام آباد: (بيورو) ورلڊ بينڪ پورٽ قاسم کي دنيا جو نائون ترقي يافته پورٽ قرار ڏئي ڇڏيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

خيبرپختونخوا ۾ ملانذير گروپ خلاف سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 17 خارجي مارجي ويا

خيبر پختونخوا جي علائقي لڪي مروت ۾ ملانذير گروپ جي دهشتگردن جي موجودگي بابت اطلاع تي 26 ۽ 27 سيپٽمبر تي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو

سيڪيورٽي فورسز خارجين جي ٺڪاڻن کي اثرائتي نموني سان نشانو بڻايو، آپريشن ۾ ڀارتي پراڪسي يافتا 17 خارجين کي دوزخ پهچايو ويو

دهشتگرد معصوم شهرين جي قتل سميت ڪيترين ئي دهشتگرد ڪاروائين ۾ ملوث رهيا، جڏهن ته ڪنهن به ٻئي ڀارت نواز خارجي جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي

راولپنڊي (م ر) خيبر پختونخوا ۾ دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران 17 خارجي مارجي ويا. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، خيبر پختونخوا جي علائقي لڪي مروت ۾ ملا نذير گروپ جي دهشتگردن جي موجودگي بابت اطلاع تي 26 ۽ 27 سيپٽمبر تي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو. جنهن ۾ پاڪ فوج، اسپيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ جا سمنڊ، دريا، ڪارونجهر ۽ ڪيرٿر جون ٽڪريون جي خوبصورتي کي اجاگر ڪن ٿيون:مراد علي شاهه

هن سال ڏينهن سياحت "سياحت ۽ پائيدار تبديلي" جي عنوان سان ملهايو پيو وڃي جيڪو اسان کي ياد ڏياريندو آهي ته سياحت نه رڳو معاشي ترقي پر سماجي خوشحالي جي به ضمانت آهي

سنڌ جي سجاڳ موئن جو دڙو، رني ڪوٽ قلعو، گورک هل، هاليجي، ڪينجهر ۽ منڇر ڍنڍ ۽ صحرا ٿر جهڙا تاريخي ۽ قدرتي ماڳ آهن

پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومت سياحتي ماڳن تي بنيادي ڍانچي ۽ سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو آهي:سياحت جي عالمي ڏهاڙي تي پيغام

ڪراچي (27 سيپٽمبر): سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سياحت جي عالمي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته هن سال ڏينهن سياحت "سياحت ۽ پائيدار تبديلي" جي عنوان سان ملهايو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز تقريب ۾ خطاب ڪري رهي آهي

پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو، بدنام ڌاڙيل طالب بوسڻ مارجي ويو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي پرسان ڪيٽي ممتاز ٽالٽي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو جنهن دوران ساٿين جي گولين ۾ هڪ بدنام ڌاڙيل مارجي ويو آهي ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد چوڌري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

راولپنڊي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت 9 مئي جي ايچ کيو حملي واري ڪيس ٻڌڻي ڪئي

راولپنڊي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت 9 مئي ايچ ڪيو حملي ڪيس ۾ عمران خان طرفان ٽرائل روڪڻ بابت داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

عمران خان جي قانوني ٽيم طرفان درخواست داخل ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ 9 مئي جي ايچ ڪيو حملي واري ڪيس جو ٽرائل روڪڻ جي استدعا ڪئي وئي هئي

ٻڌڻي دوران عدالت 8 شاهدن کي ٻيهر طلب ڪرڻ بابت درخواست تي فريادي ڌر کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

راولپنڊي(م ر) راولپنڊي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت 9 مئي جي ايچ ڪيو حملي واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ٽرائل روڪڻ بابت داخل درخواست خارج ڪندي ٻڌڻي 30 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. راولپنڊي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪوٽڙي بيراج تي پاڻي پاڻي جي وهڪرن ۾ وڌيڪ اضافو، ڪيترائي ٻوٽ پاڻي هيٺ، چانورن ۽ ٻيا فصل تباهه

ڪوٽڙي بيراج تي وچولي درجي جي ٻوڏ برقرار آهي، منگلا ڊيم ۾ به پاڻي جي وهڪرن ۾ اضافو ٿي ويو آهي جڏهن ته ٻيا درياءَ معمول تي اچي ويا آهن

جامشورو ۾ انڙپور، يوسي شاهه اويس ۽ ڪچي جي ڳوٺن ۾ پاڻي جو دٻاءُ وڌڻ لڳو، نوابشاهه سڪرنڊ، مدمنگلي حفاظتي بند جي هنڌ تي ٻوڏ صورتحال آهي

چناب درياءَ ۽ ستلج مان متاثر جلالپور پيروالا ۾ ٻوڏ جو پاڻي گهٽ نه ٿي سگهيو، ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽڙي بيراج تي پاڻي جي آمد ۾ اضافي جو سلسلو جاري آهي. 24 ڪلاڪن ۾ 12 هزار ڪيوسڪ جي اضافي سبب پاڻي جو وهڪرو وڌي 4 لک 20 هزار ڪيوسڪ تي پهچي ويو فلڊ فورڪاسٽنگ ڊويزن لاهور موجب ڪوٽڙي بيراج تي وچولي درجي جي ٻوڏ برقرار آهي، منگلا ڊيم ۾ به پاڻي جي وهڪرن ۾ اضافو ٿي ويو آهي جڏهن ته ٻيا درياءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: وائيس ميئر سلمان عبد الله مراد مختلف علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺي رهيو آهي

دوداپور ۾ اسڪول مان حاضري رجسٽر سميت سامان چوري

دوداپور (رپورٽر) دوداپور ويجهو مهراڻ پبلڪ اسڪول شورو ٿهيم مان رڪارڊ چوري، نامعلوم چورن مهراڻ اسڪول شورو مان رات دروازو ڀڃي استادن ۽ شاگردن جي حاضري رجسٽر سميت سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. پرنسپال رضوان جکراڻي موجب هفتي ڏهاڪي ۾ اڪثر چوري ٿئي ٿي، ايس ايس پي جيڪب کي نوٽيس وٺڻ گهرجي. خبر موجب دوداپور ويجهو مهراڻ پبلڪ اسڪول شورو مان گذريل رات نامعلوم چورن اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

وزيراعظم ٻوڏ متاثر علائقن ۾ نقصانن جو جائزو هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪرڻ جون هدايتون ڏئي ڇڏيون

وزيراعظم شهباز شريف نيويارڪ ۾ يو اين جنرل اسيمبلي اجلاس کي خطاب کان فوري بعد ملڪ ۾ تازي ٻوڏ صورتحال ۽ بحالي جي جاري قدمن تي جائزه اجلاس طلب ڪيو

ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ماڻهن جي بحالي تائين سک سان نه ويهنداسين. جنرل اسيمبلي ۾ موسمياتي تبديلي جي اثرن تي پاڪستانين جي آواز سموري دنيا تائين پهچائي:شهباز شريف

پاڪستان جهڙو ترقي يافته ملڪ موسمياتي تبديلي سبب ايندڙ قدرتي آفتن سبب مسلسل متاثر ٿي رهيو آهي ٻوڏ متاثرين لاءِ رليف ۽ بحالي جون ڪارروايون تيز ڪيون وڃن

وفاقي وزير احسن اقبال کي امداد ۽ بحالي جي آپريشن جي ڪڙي نگراني ۽ جائزه اجلاس گهرائڻ جي هدايت ڪئي، چيئرمين اين ڊي ايم اي کي به صوبن ۽ پي ڊي ايم ايز کي مڪمل تعاون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي

ٻوڏ کان پوءِ فصلن ۽ بنيادي ڍانچي کي پهچندڙ نقصان کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن امدادي ڪارروائين، بحالي لاءِ جامع منصوبه بندي ۾ آساني ٿئي:وزيراعظم

موٽروي ۾ جلال پور پيروالا جي هنڌ تي پونڊڙ گهاري جي فوري مرمت ڪئي وڃي. هن سيڪريٽري مواصلات ۽ چيئرمين اين ايڇ اي کي ايم 5 جي متاثر حصي تي نقصان جي جائزي جي هدايت ڏني

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف سموري ملڪ ۾ آيل ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ ٿيل نقصان جي پورائي لاءِ شروع ڪيل ڪم هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. وزيراعظم شهباز شريف نيويارڪ ۾ يو اين جنرل اسيمبلي اجلاس کي خطاب کان فوري بعد ملڪ ۾ تازي ٻوڏ صورتحال ۽ بحالي جي جاري قدمن تي جائزه اجلاس طلب ڪيو ۽ ٻوڏ متاثرين لاءِ رليف ۽/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نيويارڪ:وزيراعظم شهباز شريف ٻوڏ متاثرين جي بحالي بابت وڊيولنڪ ذريعي اجلاس جي صدارت ڪندي

والد منهنجي سياست ۾ اچڻ تي خوش نه هو:مريم نواز

اڄ مون کي يقين آهي ته هو سياست ۾ اچڻ کان پوءِ منهنجي ڪيل ڪمن تي فخر ڪندو هوندو

ريسڪيو رليف آپريشن لاءِ پاڪستان نيوي قدر جوڳو ڪردار ادا ڪيو

لاهور (م ر) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز چيو آهي ته جڏهن سياست ۾ آيس ته منهنجو والد نوازشريف بڏتر جو شڪار هو. هو منهنجي سياست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

مريم نواز خلاف سوشل ميڊيا تي گندن لفظن جو استعمال ڪندڙ 3 جوابدار گرفتار

سرگودها جي نوجوانن سوشل ميڊيا تي وڊيو اپلوڊ ڪئي جنهن ۾ وزيراعليٰ پنجاب خلاف گندا لفظ ۽ غير اخلاقي ٻولي استعمال ڪئي وئي هئي

اين سي سي آءِ اي ٽنهي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو، جنهن کان پوءِ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

خفيصل آباد (م ر) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز خلاف سوشل ميڊيا تي غير اخلاقي ۽ اٺوٽنڊڙ ٻولي استعمال ڪرڻ واري وڊيو اپلوڊ ڪرڻ تي ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچيءَ ۾ گرمي جي اڳڪٿي، موسميات کاتي اپڊيٽ جاري ڪري ڇڏي

شهر ۾ هلندڙ مهيني چوماسي برسات سبب موسم نهايت خوشگوار رهي

ڪراچي ۾ گرمي پد ۾ واڌ جو امڪان آهي ۽ ايندڙ 3 ڏينهن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي:موسميات کاتو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ ۾ خوشگوار موسم کانپوءِ هاڻي گرميءَ ۾ واڌ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. شهر ۾ هلندڙ مهيني/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

صدر مملڪت قومي اسيمبلي جو اجلاس طلب ڪري ورتو

قومي اسيمبلي جو اجلاس 29 سيپٽمبر تي شام 5 وڳي طلب ڪيو ويو آهي

صدر مملڪت آئين جي آرٽيڪل 54 جي شق هڪ تحت سيشن طلب ڪيو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ)صدر آصف علي زرداري قومي اسيمبلي جو اجلاس 29 سيپٽمبر تي شام 5 وڳي طلب ڪيو آهي.صدر مملڪت آئين جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

فيصل آباد:وفاقي وزير طلال چوڌري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

موجود سياست ۾ پيپلزپارٽي کي مڪمل طور سائيڊ لائين ڪيو ويو آهي:فواد چوڌري

صدر مملڪت آصف علي زرداري کي سياست مان نظرانداز ڪيو ويو آهي

جيڪا جماعت ماضي ۾ ملڪ جي سياست ۾ اهم ڪردار ادا هئي اها حيثيت وڃائي چڪي

اسلام آباد (بيورو) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري الزام لڳايو آهي ته پيپلز پارٽي کي هاڻوڪي سياست مان مڪمل طور سائيڊ لائين ڪيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

وفاقي حڪومت سان معاهدو، هنزه ۾ 68 ڏينهن کان جاري ڌرڻو ختم

سپريم ڪائونسل ۽ واپاري اتحاد ڪميٽي 68 ڏينهن کان جاري ڌرڻي خاتمڪيو

هنزه(م ر) سپريم ڪائونسل ۽ واپاري اتحاد ڪميٽي سوست ۾ 68 ڏينهن کان جاري ڌرڻي جي خاتمي جو اعلان ڪيو آهي.سپريم ڪائونسل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

زخمي اُٺي جو ڪامياب آپريشن، وڏي وزير کي بورڊ جي رپورٽ پيش

ميڊيڪل بورڊ جي تفصيلي رپورٽ سيڪريٽري ڪاظم جتوئي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه کي پيش ڪئي

اُٺي جي ڄاڙي ۽ پنئين ساڄي ٽنگ تي ڪلهاڙي جي وار سبب زخم ۽ فريڪچر هئا :رپورٽ

ڪراچي (رپورٽر): صوبي جي لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز کاتي جي ميڊيڪل ٽيم زخمي اُٺي چانڊني جو ڪامياب آپريشن مڪمل ڪري ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: سول سوسائٽي جي عورتون غزه ڏانهن امداد کڻي ويندڙ ٻيڙين جي حفاظت لاءِ احتجاج ڪندي

سينٽرلائيزڊ انويسٽيگيشن سيل جي 9 مهينن جي ڪارڪردگي شاندار قرار

لياقت آباد جاچون سينٽرلائيزڊ سيل ڏانهن منتقل ڪرڻ جا نتيجا سٺا، وڌيڪ سي آءِ سي قائم ڪرڻ جا حڪم

مخصوص جاچ سيل سنگين ڏوهن، قتل ۽ مالي ڪيسن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن: ڊي آءِ جي عرفان بلوچ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي لياقت آباد ڊويزن جي 7 پوليس اسٽيشنن جي جاچ کي سينٽرلائيزڊ جاچ سيل ڏانهن منتقل ڪرڻ جا نتيجا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ حڪومت صوبي ۾ ترقياتي منصوبن تي وفاق جو اختيار ختم ڪرڻ جو فيصلو

سنڌ حڪومت وفاقي ڪمپني پاڪستان انفراسٽڪچر ڊولپمينٽ ڪمپني کي خط لکي صوبن جي ترقياتي اسڪيمن تي ڪم روڪڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبي ۾ پي آءِ ڊي سي ايل جي ڪردار جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي ۽ حيدرآباد جا شهري ترقياتي پيڪيجز پي آءِ ڊي سي ايل جي اختيار کان ٻاهر آهن، وفاق ۽ سنڌ حڪومت جي وچ ۾ طئي ٿيل اختيارن جي پيچڪڙي کان پاسو ڪري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت صوبي ۾ ترقياتي منصوبن تي وفاق جو اختيار ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. سنڌ حڪومت وفاقي ڪمپني پاڪستان انفراسٽڪچر ڊولپمينٽ ڪمپني کي خط لکي صوبن جي ترقياتي اسڪيمن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پاڪستاني سيڪيورٽي ادارن ۽ سفارتي ڪوششن جي ڪري، عملو ۽ جهاز آزاد ڪرايو ويو:محسن نقوي

اسرائيلي ڊرون يمن جي ساحلي علائقي راس العيسي ۾ هڪ ايل پي جي ٽينڪر تي حملو ڪيو حملي جي وقت، جهاز تي 27 ماڻهو سوار هئا، جن ۾ 24 پاڪستاني به شامل هئا

ڪيپٽن مختار اڪبر سميت سڀ پاڪستاني عملو محفوظ رهيو، حوثين جهاز ۽ عملو کي بحفاظت آزاد ڪرايو ۽ جهاز يمني پاڻين مان ٻاهر اچي ويو آهي

اسلام آباد(بيورو) وزيراعليٰ محسن نقوي چيو آهي ته هڪ اسرائيلي ڊرون يمني ساحل جي ويجهو هڪ ايل پي جي ٽينڪر تي حملو ڪيو جنهن جي ڪري جهاز ۾ باهه لڳي وئي ۽ 24 پاڪستانين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نيويارڪ:پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان مورو ڪو جو پرڏيهي وزير ملاقات ڪري رهيو آهي

حاضري تي عدالت ويندڙ 2 نوجوان رستي مان ڪنيجي ويا

فيض گنج(رپورٽر) چنيچر تي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ حاضري تي ويندڙ ٻن نوجوانن راشد ۽ الطاف شر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪياماڙي ٽائون چيئرمين جي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سان ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

ملاقات دوران سياسي معاملن سان گڏ ڪراچي جي ترقيءَ وارن جاري ۽ ايندڙ منصوبن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون

ڪراچي شهر جي خوبصورتي جي بحالي، انفراسٽرڪچر جي سڌاري ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن آهي:ناصر حسين شاهه

ڪراچي جون شاهراهون، گهٽيون ۽ نيڪاسي آب جو نظام جديد بنيادن تي ٺهرايو پيو وڃي، جڏهن ته پارڪن ۽ تفريحي ماڳن جي بحالي جا ڪم به تيزيءَ سان مڪمل ڪيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) ڪياماڙي ٽائون جي چيئرمين هماون خان علي هائوس ۾ صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران سياسي معاملن سان گڏ ڪراچي جي ترقيءَ وارن جاري ۽ ايندڙ منصوبن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون ان موقعي تي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ڪراچي شهر جي خوبصورتي جي بحالي، انفراسٽرڪچر جي سڌاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عوامي خدمت سڀ کان وڏي عبادت آهي، ڪرسي کي طاقت جي نه پر خدمت جي ذريعن طور استعمال ڪريو:گورنر سنڌ

پاڪستان ۾ پرائمري ايجوڪيشن ڪميشن جو قيام وقت جي ضرورت آهي، موجوده تعليمي نظام کي وڌيڪ عملي بڻائي سگهجي ٿو

عوام جي حقيقي خدمت صرف مقامي حڪومت کي بااختيار بڻائڻ سان ممڪن آهي:ڪامران ٽيسوري

اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ۾ 38 هين سينئر مئنيجمينٽ ڪورس جي شرڪت ڪندڙن سان ڳالهائيندي ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته عوامي خدمت سڀ کان وڏي عبادت آهي، ڪرسي کي طاقت جي نه پر خدمت جي ذريعن طور استعمال ڪريو. پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي:گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

مسلسل ٻه ڏينهن سستو ٿيڻ بعد ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ اڄ وڏي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) مسلسل ٻه ڏينهن سستو ٿيڻ بعد ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ اڄ وڏي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، في تولون سون 1900 رپيا مهانگو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ملڪ جي وسيلن تي حڪمران ۽ جاگيردار طبقي جو قبضو آهي: اياز لطيف

الميو آهي ته حڪومتون تبديل ٿين ٿيون پر معاشي پاليسي تبديل نٿي ٿئي، جنهنڪري هر حڪومت ۾ غربت جي شرح ۾ اضافو ٿيو آهي

حڪومت ورلڊ بئنڪ جي رپورٽ جي آئيني ۾ پنهنجي معاشي ڪارڪردگي ڏسي. معاشي پاليسيون پورهيت دشمن، هاري دشمن ۽ جو غريب دشمن آهن

غربت، بيروزگاري ۽ بدحالي انارڪي پيدا ڪندي آهي. حڪمران ٻين ملڪن ۾ خراب معاشي پاليسين سبب عوامي بغاوت مان سبق حاصل ڪن

حيدرآباد (پ ر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي پاڪستان ۾ 6 ڪروڙ ڪان وڌيڪ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ واري ورلڊ بئنڪ جي رپورٽ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته الميو آهي ته حڪومتون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سرڪاري ملازمن جو احتجاج جاري، تالا بندي جي مدي ۾ واڌ جو اعلان

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي مرڪزي چيئرمين حاجي اشرف خاصخيلي ۽ ورڪنگ سينٽرل ڪميٽي اتحاد پاران اجلاس منعقد ڪيو ويو

اجلاس ۾ صلاح مشوري ڪانپوءِ هن مرحلي کي 6 آڪٽوبر تائين وڌائڻ جو اعلان ڪندي سڄي سنڌ جي ملازمن جو شڪريو ادا ڪيو

توهان ڊويزنل احتجاج ۽ لاڪ ڊائون منظم ڪيو هاڻ اهو 6 آڪٽوبر تائين جاري رهندو آهي ،اسان کي پنهنجو حوصلو بلند رکڻو آهي:حاجي اشرف خاصخيلي

ڪراچي(نمائندن وٽان) سنڌ ايمپلائيز الائنس جي مرڪزي چيئرمين حاجي اشرف خاصخيلي ۽ ورڪنگ سينٽرل ڪميٽي اتحاد پاران شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ جي ٽئين مرحلي ۾ مڪمل لاڪ ڊائون جيڪو 27 سيپٽمبر تي ختم ٿيڻو هو حيدر آباد ۾ ٿيل مرڪزي ڪميٽي جي اجلاس ۾ صلاح مشوري ڪانپوءِ هن مرحلي کي 6 آڪٽوبر تائين وڌائڻ جو اعلان ڪندي هن سڄي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي ۾ مامي جي فائرنگ، 17 سالن جي ڇوڪري مارجي وئي، جوابدار گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي شاهه لطيف ٽائون ۾ فائرنگ ۾ 17 سالن جي ڇوڪري فوت ٿي وئي، جڏهن ته جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ريسڪيو ذريعن موجب، فائرنگ ۾ ڇوڪري جي موت جو واقعو شاهه لطيف ٽائون سيڪٽر 20 ۾ پيش آيو پوليس موجب، ڇوڪري پنهنجي مامي جي هوائي فائرنگ سبب فوت ٿي وئي. فاطمه پنهنجي مامي جي گهر شادي جي تقريب لاءِ آئي هئي. ملزم نثار ڀهريان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب ڪورنگي ڪريڪ ۾ پاڪستان جي پهرين مينگرووبائيورسٽي پارڪ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

جمهوري سوچ جي ترجمان
روزاني
Daily AWAMI SOCH KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهہ

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758



ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي؛
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱار؛
ڏوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪِچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

آچر 28 سيپٽمبر 2025ع

ٽرمپ ۽ شهباز جي ملاقات: ڪجھ سوال ڪجھ جواب

پاڪستان جي سياست ۽ عالمي طاقت جي راند ۾ هر ملاقات فقط هٿ ملائڻ ۽ تصويرون لهرائڻ تائين محدود نہ هوندي آهي، پر ان جا اڻ ڏٺل اثر ۽ پيغام بہ گڏ هلندا آهن. سياست ۾ اهڙا لمحا، جيڪي ظاهري طور تي معمولي نظر اچن ٿا، حقيقت ۾ وڏن رخن ۽ نون دروازن کي کولڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا. ٽرمپ ۽ شهباز شريف جي ملاقات بہ اهڙي ئي پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجي. دنيا جي موجوده منظرنامي ۾، جتي ٽڪراءَ، مقابلو ۽ مفادن جا پردا مسلسل بدلجن ٿا، اتي پاڪستان لاءِ سڀ کان وڏو امتحان اهو آهي تہ هو پنهنجي موقف، خودمختياري ۽ عوامي اميدن کي عالمي قوتن جي مطالبن ۽ شرطن سان ڪيئن توازن ۾ آڻي ٿو.

شهباز شريف جڏهن آمريڪي ڪمپنين کي پاڪستان ۾ سيڙپڪاريءَ جي دعوت ڏئي ٿو، تہ اها فقط سرمايو آڻڻ جي ڳالهہ نہ آهي، پر ان سان روزگار جا نوان دروازا، ٽيڪنالاجيءَ جي منتقلي ۽ معاشي ترقيءَ جي اميد بہ جڙيل آهي. زرعي، توانائي، ٽيڪنالاجي ۽ معدني شعبن ۾ اهڙا موقعا ملڪ کي نئين حياتي ڏئي سگهن ٿا. پر ساڳئي وقت خطرو بہ آهي تہ جيڪڏهن اهي سيڙپڪاريون فقط آمريڪي شرطن تي هجن، تہ مقامي صنعت دٻجي ويندي، تجارتي خسارو وڌندو ۽ قرضن جو بوجھ گهرو ٿيندو. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ عالمي طاقت سان لاڳاپو هر ڀيري قيمت وٺي ٿو ڪڏهن پاليسيءَ ۾ مداخلت، ڪڏهن سلامتيءَ تي شرطن ۽ ڪڏهن قومي خودمختياريءَ جي قرباني.

گذريل ڏهاڪن ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا جا لاڳاپا ڪڏهن ڀرپور ڀائيواري تہ ڪڏهن ڇڪتاڻ سان ڀريل رهيا آهن. تحفظ ۽ سلامتيءَ جي معاملن ۾ تضاد ٻنهي طرفن کي پيچي ڇڏيو. پر هاڻي ٽرمپ ۽ شهباز جي ملاقات هڪ نئين سگنل طور پيش ٿي سگهي ٿي. شايد آمريڪا لاءِ پاڪستان کي ٻيهر اهم اسٽريٽجڪ پارٽنر طور ڏسڻ جو وقت اچي چڪو آهي. خاص طور تي جڏهن خطي ۾ افغانستان، ايران ۽ هند_پاڪ لاڳاپا عالمي توجهہ جو مرڪز آهن. تڏهن پاڪستان کي وچ واسطو بڻجڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو ان ملاقات ۾ غزا ۽ وچ اوڀر جي ڳالهہ بہ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ پاڪستان پنهنجي آواز کي عالمي سياست ۾ ملهائڻ چاهي ٿو. پر سوال اڃا بہ بيٺل آهي تہ ڇا اهڙيون ملاقاتون واقعي قومي فائدي ۾ تبديل ٿين ٿيون يا رڳو علامتي رهجي وڃن ٿيون؟ جيڪڏهن آمريڪا کان ايندڙ واعدا عملي صورت ۾ نہ اچي سگهيا، تہ عوامي بيزاري ۽ مايوسي وڌندي. جيڪڏهن سيڙپڪاريءَ جا نتيجا ماڻهن تائين نہ پهتا، تہ اعتماد هڪ ڀيرو ٻيهر ٽٽي سگهي ٿو ان کان سواءِ فوجي ۽ سياسي ادارن جي وچ ۾ اختيار جو توازن بہ اهم آهي. جيڪڏهن آمريڪي لاڳاپا رڳو فوجي ۽ خفيہ چينلن تائين محدود رهيا، تہ سياست پنهنجي مرڪزي حيثيت وڃائي ڇڏيندي. تاريخ جو تلخ تجربو اهو ٻڌائي ٿو تہ جڏهن بہ سياست کان وڌيڪ اسٽيبلشمينٽ اڳيان رهي آهي، تڏهن نتيجا اڪثر وقت قوم لاءِ ڏکيا ثابت ٿيا آهن.

پاڪستان لاءِ بهترين حڪمت عملي اها ٿي سگهي ٿي تہ هو آمريڪا سان لاڳاپن کي رڳو هڪڙي رستي تائين محدود نہ ڪري، پر چين، سعودي عرب، يو اي اي ۽ ٻين ملڪن سان بہ مضبوط اقتصادي ۽ سياسي لاڳاپا برقرار رکي. پاليسيءَ جو تنوع ئي قومي خودمختياريءَ جو ضامن بڻجي سگهي ٿو. ان سان گڏ، لازمي آهي تہ هر معاهدي ۽ سيڙپڪاريءَ لاءِ شفاف ۽ واضح قانوني فريم ورڪ ٺهڻ گهرجي، جيئن ڪنهن بہ مرحلي تي عوام جو اعتماد نہ ٽٽي. عوامي تاثر ۽ سياسي استحڪام کي بہ نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ جيڪڏهن عوام محسوس ڪن تہ حڪومت فقط عالمي خواهشن جي تابع آهي، تہ قومي بيزاري وڌيڪ گهيرو ٿيندي.

ماضي ۾ پاڪستان ڪيترا ڀيرا عالمي قوتن سان گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪڏهن افغان جنگ ۾ فرنٽ لائين اسٽيٽ بڻيو، ڪڏهن دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيو. پر هر ڀيري قيمت عوام کي ڏيڻي پئي. شهيدن جي صورت ۾، اقتصادي بوجھ جي صورت ۾ يا وري سياسي عدم استحڪام جي صورت ۾. سوال اهو آهي تہ ڇا هاڻي بہ ساڳي ڪهاڻي ورجائبي؟ يا پاڪستان پنهنجي تاريخ مان سبق وٺي اڳتي وڌندو؟ ٽرمپ ۽ شهباز جي ملاقات ان سوال جو جواب ڏئي سگهي ٿي، جيڪڏهن ان مان نئين رستي جو انتخاب ڪيو وڃي. اقتصاديات جو پهلو هتي سڀ کان اهم آهي. جيڪڏهن آمريڪي ڪمپنيون واقعي زرعي، توانائي ۽ ٽيڪنالاجي شعبي ۾ سيڙپڪاري ڪن ٿيون، تہ ملڪ جي معيشت ۾ هڪ نئين تحرڪ اچي سگهي ٿي. پر ساڳئي وقت، ان سيڙپڪاريءَ کي مقامي ضرورتن سان هم آهنگ ڪرڻ لازمي آهي. جيڪڏهن سيڙپڪار رڳو پنهنجن مفادن لاءِ ڪم ڪندا، تہ ملڪ ٻيهر هڪ وڏو مارڪيٽ بڻجي رهندو ۽ حقيقي ترقيءَ جو خواب فقط خواب ئي رهندو. ان لاءِ حڪومت کي ضروري آهي تہ هر معاهدي ۾ اهڙا شرط شامل ڪري، جيڪي مقامي ماڻهن لاءِ روزگار، تعليم ۽ سکيا جا موقعا پيدا ڪن. سياست جو پاسو بہ نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي. آمريڪا سان نوان لاڳاپا صرف تڏهن عوامي سطح تي قبول ٿيندا، جڏهن ان مان ماڻهن کي سڌي فائدي جو احساس ٿيندو. جيڪڏهن ملاقاتن جا نتيجا فقط اشرافيہ تائين محدود رهيا، تہ عوامي بيزاري ٻيهر اڀري ايندي. اهڙي صورتحال ۾ سياسي استحڪام بہ خطري ۾ پئجي ويندو. ان لاءِ حڪومت کي شفافيت، اعتماد ۽ عوامي شموليت کي يقيني بڻائڻو پوندو.

شهباز شريف، ٽرمپ ملاقات ۽ غزا ۾ قيام امن جو معاملو

سيد مجاهد علي

اقوام متحده جي اجلاس جي موقعي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪجھ مسلمان ملڪن جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي آهي، جن ۾ پاڪستان جو وزيراعظم شهباز شريف بہ شامل هو. هي ملاقات آمريڪا ۽ قطر گڏيل طور تي ڪرائي هئي، جنهن ۾ پاڪستان کان علاوه ترڪي، سعودي عرب، انڊونيشيا، مصر ۽ متحده عرب امارات جا اڳواڻ شريڪ ٿيا. غزا ۾ اسرائيلي حملن ۾ تيزيءَ جي خبرون لڳاتار اچي رهيون آهن ۽ لڳي ٿو تہ جنگ ختم ٿيڻ جا آثار موجود ناهن. صدر ٽرمپ اقوام متحده ۾ تقرير دوران آزاد فلسطيني رياست جو تصور رد ڪري ڇڏيو. پنهنجي حليف ملڪن پاران فلسطين کي تسليم ڪرڻ جي فيصلي تي هن چيو تہ اهو عمل حماس لاءِ انعام ڏيڻ جي برابر آهي. جنرل اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي صدر ٽرمپ چيو تہ غزا ۾ جنگبندي لاءِ 20 اسرائيلي يرغمالين جي آزادي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. اصولي طور ڪو بہ هن ڳالهہ کان انڪار نٿو ڪري. جيڪي يورپي ملڪ تازن ڏينهن ۾ فلسطين کي تسليم ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪا آهن، سي بہ غير مشروط طور سڀ يرغمالين جي آزادي جو مطالبو ڪن ٿا. البت اسرائيل جي پاليسي اڃا تائين غير واضح آهي. اسرائيل چاهي ٿو تہ مستقبل جي غزا ۾ حماس جو ڪو وجود نہ هجي ۽ نہ ئي اها تنظيم سياسي يا انتظامي معاملن ۾ حصو وٺي.

هن پسمنظر ۾ اهم مسلمان ملڪن جي اڳواڻن سان آمريڪي صدر جي هڪ ڪلاڪ ڊگهي ملاقات ۽ ان ۾ ترڪي ۽ اهم عرب ملڪن سان گڏ پاڪستان جي شرڪت ٻن رخن کان پاڪستان جي ڪردار کي واضح ڪري ٿي. پهريون، پاڪستان کي وچ اوڀر جي سياست ۾ اهم ڌر طور تسليم ڪيو ويو آهي. خاص طور تي تازو سعودي عرب سان دفاعي معاهدي ڪانپوءِ وچ اوڀر ۾ امن جي ڪوشش ۾ پاڪستان جي اهميت نمايان ٿي آهي. البت اهو اڃا واضح ناهي تہ پاڪستاني حڪومت هن حوالي سان ڪهڙي آڇ ڪري رهي آهي. اهڙين ملاقاتن ۾ طئي ٿيل ڪجھ شيون پاڪستاني عوام کان منظور ڪرائڻ شايد آسان نہ هونديون. ٻيو اهم پهلو اهو آهي تہ وزيراعظم شهباز شريف ۽ نائب وزيراعظم (پرڏيهي وزير) اسحاق ڊار بہ اجلاس ۾ شامل هئا ۽ کين پاڪستاني موقف پيش ڪرڻ جو موقعو ضرور مليو هوندو.

هن اجلاس ۾ پاڪستان جي شرڪت اهو ظاهر ڪري ٿي تہ عالمي منظرنامي ۾ پاڪستان جي سفارتي اهميت کي تسليم ڪيو پيو وڃي. خاص طور تي ملاقات شروع ٿيڻ کان اڳ ٽرمپ ۽ شهباز شريف جي مختصر ملاقات جي وڊيو ۾ نظر اچي ٿو تہ وزيراعظم پر اعتماد نموني ڳالهائي رهيو آهي ۽ صدر ٽرمپ ڌيان سان ٻڌي رهيو آهي. اهو پاڪستان جي اهميت جو ثبوت آهي، پر ساڳئي وقت ان مان اها بہ توقع ڪئي پئي وڃي تہ پاڪستان حڪومت متوازن حڪمت عملي اختيار ڪندي ۽ غزا جي حوالي سان انصاف تي ٻڌل ڪنهن منصوبي ۾ شريڪ ٿيندي. هي ملاقات عرب ملڪن ۽ آمريڪا سان پاڪستان جي ويجھڙائپ ۽ رابطي جي حوالي سان بہ اهم آهي. مسلمان ملڪن سان ٽرمپ جي هن ملاقات بابت ڪا سرڪاري پريس رليز جاري نہ ٿي، پر ترڪي جي صدر اردوان چيو تہ هي ڳالهہ ٻولهہ مثبت رهي ۽ غزا ۾ جنگبندي جي اميد پيدا ٿي آهي. پر ساڳئي وقت هن اسرائيلي جارحيت کي نسل ڪشي سان ڀيٽيندي خبردار ڪيو تہ هاڻي هي ظلم بند ٿيڻ گهرجي. بعد ۾ صدر ٽرمپ بہ هن ملاقات کي اهم قرار ڏيندي چيو: "اسان هڪ اهڙي شي بند ڪرائڻ پيا وڃون جيڪا اسان شروع ئي نہ ڪئي هئي." خبرن موجب، آمريڪي صدر هن ملاقات ۾ غزا مان اسرائيلي فوجين جي نيڪالي ڪانپوءِ انتظام سنڀالڻ بابت بہ ڳالهيون ڪيون. رپورٽن موجب آمريڪا چاهي ٿو تہ غزا ۾ مسلمان ملڪن جي فوج مقرر ڪئي وڃي ۽ عرب ملڪ ٻيهر تعمير لاءِ وسيلا فراهم ڪن. اهڙي اجلاس ۾ پاڪستان جي شرڪت ان جي اهميت جو ٻيو رخ ڏيکاري ٿي.

غزا ۾ جنگبندي جو منصوبو اصل ۾ ان عرب پلان مطابق آهي جيڪو مصر سال جي شروع ۾ پيش ڪيو هو ۽ جنهن تي گهڻن عرب ملڪن اتفاق ڪيو هو. عرب ملڪ غزا جي ٻيهر تعمير لاءِ وڏي سرمائي ڏيڻ تي راضي هئا. پر تڪرار ان نقطي تي رهيو تہ اسرائيلي فوج جي واپسي ڪانپوءِ غزا جو انتظام ڪير سنڀاليندو. هي منصوبو صدر ٽرمپ جي انهي بيان ڪانپوءِ سامهون آيو هو جنهن ۾ غزا تي قبضو ڪرڻ ۽ اتي جي ماڻهن کي جلاوطن ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي هئي. عرب ملڪ فلسطيني ماڻهن جي جبري منتقلي جي خلاف هئا، پر غزا جي سلامتي ۽ انتظام بابت ڪو اتفاق پيدا نہ ٿي سگهيو. هاڻي اقوام متحده ۾ ٽرمپ ۽ مسلمان اڳواڻن جي ملاقات ۾ ساڳي نڪتي تي ڳالهہ ٿي آهي. في الحال عملي تفصيلن تي اتفاق ناهي ٿيو ۽ نہ ئي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪهڙين تجويزن غور هيٺ آهن. پر آمريڪا ۽ اسرائيل واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ مستقبل ۾ حماس جو ڪوبہ ڪردار قبول نہ ڪيو ويندو. سوال اهو آهي تہ ڇا مسلمان ملڪ اهڙو سلامتي پلان ڏئي سگهندا جنهن ۾ حماس کي غير مسلح ڪيو وڃي ۽ ان جا اڳواڻ ڪمزور ڪيا وڃن؟ ان موقع تي پاڪستان جي موجودگي ۽ ان جي فوج جي سجاتل پيشہ ورانہ صلاحيتن جي ڪري قياس آهي تہ شايد پاڪستاني فوج کي ان عبوري فورس ۾ شامل ڪيو وڃي جيڪو اسرائيلي فوج جي نيڪالي ڪانپوءِ غزا جو انتظام سنڀاليندو ۽ فلسطيني اٿارٽي جي نگراني ۾ ڪنهن مستقل حل تائين اتي رهندو. پر جيڪڏهن پاڪستاني فوجي دستن جي شموليت جو فيصلو ٿيو تہ پاڪستان اندر سياسي ۽ مذهبي مخالفت بہ اڏو اچي سگهي ٿو تحريڪ انصاف ۽ مذهبي پارٽيون اهڙي معاهدي کي "غزا جي ماڻهن کي وڪڻڻ" قرار ڏئي سگهن ٿيون. تنهنڪري ضروري آهي تہ جيڪڏهن اهڙي تجويز غور هيٺ آهي تہ ان جون تفصيلون عوام آڏو پيش ڪيون وڃن ۽ عوام جو اعتماد حاصل ڪري پوءِ قدم کنيو وڃي. ٻي صورت ۾ حڪومت کي عالمي سطح تي تہ عزت ملي سگهي ٿي پر ملڪ اندر سخت مخالفت منهن ڏيڻي پوندي.

آمريڪا ظاهر آهي اسرائيل جي حمايت ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي، پر ساڳئي وقت پنهنجي حليف ملڪن ۾ غزا جنگ تي وڌندڙ بيچيني کي بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهي. ان ڪري ٽرمپ جو چوڻ تہ آمريڪا ڪيترن آپشنز تي غور ڪري رهيو آهي، وزن رکي ٿو يرغمالين جي آزادي ضمانتن سان ممڪن آهي، پر حماس کي غير مسلح ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. البت جيڪڏهن عرب ملڪ گڏجي مضبوط اتفاق ڏيکارين ۽ فلسطيني عوام جو پرامن مستقبل نظر ۾ رکن تہ ممڪن آهي تہ حماس کي هٽائڻ سان امن لاءِ رستو کلي سگهي. آمريڪي صدر هڪ طرف پنهنجي حليفن (برطانيا، فرانس، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا) جي فلسطين کي تسليم ڪرڻ تي ناراض آهن، پر ساڳي وقت انهن ملڪن جي عوام اسرائيلي جارحيت خلاف آهن جنهن کي ڪو بہ آمريڪي ليڊر نظرانداز نٿو ڪري سگهي. هن پسمنظر ۾ فرانس جي صدر ميڪرون چيو هو تہ "صدر ٽرمپ هن جنگ کي بند ڪرائي سگهي ٿو ڇو تہ آمريڪا ئي اسرائيل کي هٿيار ڏئي ٿو جيڪڏهن ٽرمپ واقعي امن جو نوبل انعام کٽڻ چاهي ٿو تہ کيس جنگ بند ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو."

صدر ٽرمپ بار بار غزا ۾ جنگ بند ڪرائڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. کيس خبر آهي تہ اهڙي ڪاميابي کيس امن جو اڳواڻ تسليم ڪرائي ڇڏيندي. پر اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ کيس اهم مسلمان ملڪن جي تعاون جي ضرورت آهي. پاڪستان لاءِ اها خوشخبري آهي تہ ان کي انهن اهم ملڪن ۾ شمار ڪيو پيو وڃي جيڪي وچ اوڀر ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ فلسطين جي مسئلي جو حل ڳولڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

****

ملڪ مان مهانگائي جي طوفان کي ٽاريو

اعجاز ممنائي

پاڪستان ۾ مهانگائي هڪ مستقل مسئلو بڻجي چڪي آهي. کنڊ، چانور، پيٽروليم شين، ابتدائي طبي امداد ۽ دوائن جهڙين بنيادي شين جون قيمتون مسلسل وڌي رهيون آهن. جنهن عام شهري جي زندگي کي ناقابل برداشت بڻائي ڇڏيو آهي. ٻئي طرف، حڪومت مهانگائي گهٽائڻ لاءِ غير حقيقي سبب ڏئي رهي آهي جيڪي عوامي مسئلن ۽ زميني حقيقتن جي ابتڙ نظر اچن ٿا. جڏهن تہ حڪمران طبقي ۽ عوام ۾ کليل دشمني وارو ماحول جڙيل آهي جڏهن تہ ملڪ ۾ روزگار جا موقعا ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيا آهن. ڪاڌي، پاڻي، زندگي بچائيندڙ دوائن ۽ تعليمي خرچن جون قيمتون آسمان کي ڇهي رهيون آهن. جڏهن تہ ڪاڌو، پاڻي، طبي علاج، تعليم ۽ رهائش بنيادي ضرورتون آهن. جن جي کوٽ ڪنهن بہ انساني سماج کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. ملڪ ۾ مزدورن جي اڪثريت غريب ماڻهو آهن جيڪي هن وقت انتهائي ڏکي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. ڏينهن رات ڪم ڪرڻ لاءِ ڪانپوءِ بہ هو گهر جو گاڏو هلائڻ کان قاصر آهن. بجلي ۽ گئس جي اضافي چارجز سنڌن چيلهہ چِپي ڪري وڌي آهي ان حوالي سان، پاڪستان جي وزيراعظم ميان شهباز شريف پڻ بار بار اعتراف ڪيو آهي تہ هو موجوده صورتحال کان واقف آهي ۽ مهانگي بجلي جو مسئلو پاڪستان ۾ هڪ وڏو مسئلو بڻجي چڪو آهي، جنهن جا نہ رڳو عوام تي پر ملڪ جي معيشت ۽ صنعتن تي بہ منفي اثر پئجي رهيا آهن. هن وقت غريب طبقي جي حالت ڏاڍي خراب آهي زرعي شعبو ۽ صنعتي ادارا اضافي توانائي جي قيمتن جي ڪري پيداوار جي اضافي قيمت ۽ مارڪيٽ کي متوازن ڪرڻ ۾ ٻُري طرح ناڪام تي رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ننڍا ۽ وڏا ڪاروبار بند ٿي رهيا آهن ۽ بيروزگاري ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ماڻهو حڪومت ۾ اهو آسرو رکيون ويٺا هوندا آهن تہ ملڪ ترقي ڪندو ۽ مهانگائي ختم ٿيندي. پر حڪومت جي ڪارڪردگي ڏينهون ڏينهن مايوس ڪندڙ آهي. عوام جي زندگيءَ کي اجيرن ۽ وڏي عذاب وارو بڻايو ويو آهي.

هن وقت ٻيو تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ناهي پر عوام کي بجلي ۽ گئس جي وڌندڙ لوڊشيڊنگ ۽ قيمتن بہ زندگي ڏاڍي عذاب ڪري ڇڏي آهي. ٿوري نظر آئي پي پيز تي وجهنداسين تہ آئي پي پيز جو مطلب آهي ڇا؟ هي آزاد پاور بجلي خريد ڪرڻ جو ادارو آهي. هن اداري ذريعي پاڪستان جي عوام سان وڏي بدمعاشي ۽ ٺڳي ڪئي پئي وڃي. پنجاب سان واسطو رکندڙ جن شخصيتن جا بجلي پيدا ڪندڙ ڪارخانا بند پيل آهن انهن کي بہ هر مهيني ڪروڙين روپيہ جاري ڪيا پيا وڃن. انهن ۾ وزيراعظم شهباز شريف جو پٽ بہ شامل آهي جنهن جي ڪارخاني هڪ يونٽ بہ بجلي پيدا نہ ڪئي آهي ان کي بہ ڪروڙين روپيا هر مهيني ملي رهيا آهن. عوام کي هن وقت 48 روپيہ في يونٽ ملي رهيو آهي. جڏهن تہ آزاد ڪشمير کي 5 روپيہ في يونٽ ڏنو پيو وڃي. پاڪستان جي عوام جو آخرڪار ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ حڪومت جي ناڪامي سامهون آئي آهي تہ ٿرجي ڪوئلي مان پيدا ٿيندڙ بجلي حڪومت 200 روپين تي خريد ڪري رهي آهي ۽ آءِ پي پيز کي 950 ارب جون ادائگيون ڪيون ويون آهن. حڪومت هڪ پاور پلانٽ کي 15 سيڪڙو لوڊ فيڪٽر تي 140 ارب روپيا ڏنا ويا آهن. جيڪا ڪرپشن جي انتها آهي. ٻئي طرف پنجاب جي پاور پلانٽ کي 17 سيڪڙو لوڊ فيڪٽر تي 120 ارب روپيہ غير قانوني طور ڏنا ويا آهن. ٻئي پاور پلانٽ کي 22 سيڪڙو لوڊ فيڪٽر تي 100 ارب روپيا ڏنا ويا آهن. اهڙي تنهي پنجاب جي پاور پلانٽن کي 370 ارب روپيہ جاري ڪيا ويا آهن. مطلب تہ ان بجلي مان عوام کي ڪوبہ فائدو نہ ٿي رهيو آهي

گيلپ پاڪستان سروي موجب سمورين ڪمپنيون پيداوار جي صلاحيت کي محدود ڪن پيون، جيڪڏهن ڪاروبار مهانگي بجلي جي ڪري بند ٿيڻ تي مجبور ٿين ٿا، تہ روزگار جا موقعا گهٽجڻ فطرتي عمل آهي. سروي رپورٽ ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ "پاڪستاني معيشت جي صحيح رخ ۾ واضح ترقي جي مطابق، پاڪستان ۾ ڪاروباري اعتماد بتدريج وڌيو آهي. سروي جي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ملڪ جي معيشت صحيح رخ ۾ هلي رهي آهي، 55 سيڪڙو پاڪستاني ڪاروبار اميد رکن ٿا تہ گذريل ڇهن مهينن ۾ ڪاروباري اعتماد 10 سيڪڙو وڌي ويندو" رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ "پاڪستان ۾ ڪاروباري اعتماد مستقبل بابت آهي." ان سروي موجب، "پاڪستان لاءِ بهتريءَ جي رپورٽنگ" آهي پر عملي طور حقيقتن جي ابتڙ آهي رپورٽ اهو ظاهر ڪري ٿي تہ پاڪستان ۾ ڪاروباري غير يقيني صورتحال جو تصور 7 سيڪڙو گهٽجي ويو آهي، ڪاروباري اعتماد ۾ 36 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي، جيڪو ڪاروباري برادري لاءِ هڪ مثبت نشاني آهي. رپورٽ موجب، ملڪ ۾ افراط زر ۽ سود جي شرح ۾ گهٽتائي ڪاروباري اعتماد ۾ واڌ جي پويان مکيہ عنصر آهن. ڪاروباري برادري بجلي جي لوڊشيڊنگ ۾ گهٽتائي جي رپورٽ ڏني آهي جڏهن تہ 56 سيڪڙو لوڊشيڊنگ نہ ٿيڻ جي رپورٽ ڏني آهي، سروي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ تجارتي شعبي ۾ ڪاروباري اعتماد بحال ٿيو آهي. ٻيو پاڪستان جي سروي رپورٽ مثبت ۽ حقيقي آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ 66 سيڪڙو پاڪستاني محسوس ڪن ٿا تہ ڪاروبار بهتري رهيو آهي پر ان لاءِ مستقل حڪمت عملي جي ضرورت آهي جيڪو وزيراعظم ملڪ جي اضافي ٽيڪس بابت پڻ ڪيترائي ڀيرا اعتراف ڪيو آهي ۽ اهو بہ بار بار چيو آهي تہ جڏهن مقامي سبسڊي سستي نہ هوندي آهي، تہ مهانگائي ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ايندي آهي ۽ ڪاروبار ڪرڻ ڏکيو ٿيندو ويندو آهي، ٻئي پاسي نائب وزيراعظم چيو تہ صورتحال کي بهتر ٿيڻ ۾ 15 سال لڳا. ماڻهو مهانگائي جي خبرن تي ناخوش نظر اچن ٿا، ڇو تہ روزانو تيل، دالين، چانور، بجلي ۽ زندگي جون ٻيون ضرورتون عام ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويون آهن. بيروزگاري مسلسل وڌي رهي آهي، مسئلا حل ٿيڻ بدران وڌيڪ پيچيده ٿي رهيا آهن. صنعتي ادارن لاءِ ڪافي توانائي استعمال ڪرڻ ڪانسواءِ پيداوار جاري رکڻ ناممڪن ٿي وئي آهي. ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ تيل سستو ٿي ويو آهي، جنهن ڪري عالمي مارڪيٽ ۾ پيداوار جي قيمت گهٽ هجڻ ڪري پاڪستانين لاءِ اتي ڪاروبار ڪرڻ ناممڪن ٿي ويو آهي. گيلپ پاڪستان سروي پاڪستاني معيشت لاءِ صحيح رخ ۾ ترقي جا واضح اشارا ڏيکاريا آهن. تنهن ڪري اسان ان کي مستقبل لاءِ مثبت سمجهون ٿا پر ڪو اهڙو مخلص حڪمران اچي جيڪو پاڪستان ۾ ڪاروبار ڪرڻ کي آسان ۽ منافع بخش بڻائي، هتي روزگار جا موقعا وڌائي ۽ بيروزگار ماڻهن کي سٺيون نوڪريون فراهم ڪري. جيڪڏهن مهانگائي گهٽ ٿيندي تہ پوءِ ماڻهن جي قوت خريد بهتر ٿيڻ لڳندي ۽ ماڻهو پنهنجي خاندانن لاءِ بنيادي گهرجون پوريون ڪري سگهندا.

بقايا 01

15 رڪني سلامتي ڪونسل جي 8 ميمبرن قرارداد جي مخالفت، 4 حمايت ڪئي جڏهن تہ 2 ميمبر غير حاضر رهيا. روس جي نائب مستقل سفير ديمتري پوليانسڪي اجلاس جي دوران چيو تہ اسان جو ملڪ ايران تي پابندين جي بحالي کي رد ڪري ٿو ۽ هن تهران خلاف قرارداد غيرقانوني ۽ عمل نہ ڪرڻ جوڳيون قرار ڏيندي الزام لڳايو تہ 3 يورپي ملڪ نيوڪليئر ڊيل کي مڪمل تباهہ ڪرڻ چاهين ٿا. ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي گڏيل قومن کان مطالبو ڪيو تہ هو انهي صورتحال کي غيرقانوني قرار ڏئي، هن الزام لڳايو تہ آمريڪا سفارتڪاري ۾ غداري ڪئي برطانيا، فرانس ۽ جرمني انهي کي دفن ڪري ڇڏيو.

بقايا 02

تہ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پوليس ذريعن ٻڌايو تہ حادثو تيزرفتاري سبب پيش آيو. شروعاتي طور تي 5 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي اطلاع ملني هئي، پر هڪ زخمي جي اسپتال منتقلي کان اڳ فوتگي کان پوءِ فوتين جو انگ 6 تي ويو جنهن کان پوءِ وڌيڪ 2 زخمي زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويا جنهن سبب فوتين جو انگ 8 تي ويو. ريسڪيو ذريعن ٻڌايو تہ لاشن ۽ زخمين کي فوري طور تي ٽيچنگ اسپتال پنجگور منتقل ڪيو ويو، زخمين جو علاج جاري آهي جڏهن تہ ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي. پوليس حادثي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، تيزرفتاري کي شروعاتي طور تي حادثي جو بنيادي سبب قرار ڏنو ويو آهي. اهو واقعو بلوچستان ۾ روڊ سيفٽي جي سنگين مسئلي جي نشاندهي ڪري ٿو جتي ناقص روڊن ۽ گاڏين جي خراب حالت هجڻ سبب اهڙي طرح جا حادثا معمول بڻجي چڪا آهن. مقامي انتظاميہ کان مطالبو ڪيو پيو وڃي تہ سي پيڪ روڊ تي حفاظتي قدمن کي وڌيڪ سخت ڪيو وڃي.

بقايا 03

ٿيون ۽ آمريڪا واپار، آءِ ٽي ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري لاءِ تيار آهي. وزيراعظم ٽيرف واري معاملي تي آمريڪي صدر ٿورا مڃيا ۽ چيو تہ پاڪستان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ معدنيات جي قيمت جو مناسب تعين ٿيندو. پاڪ_آمريڪا واپاري معاهدا گڏيل مفادن تحت ٿيندا. وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ 6 کان 10 مئي چار ڏينهن ۾ پاڪستاني هٿياربند فوجن بهادريءَ سان ڀارت کي جنگ ۾ شڪست ڏني، الله پاڪ پاڪستان جي فوجن کي جيڪا ڪاميابي عطا فرمائي، ان جو جيترو شڪر ادا ڪجي، اهو گهٽ آهي. وزيراعظم چيو تہ فيلڊ مارشل عاصم منير جنگ ۾ دانائيءَ سان پاڪ فوج کي اڳواڻي ڪئي. وزيراعظم چيو تہ هن ان وقت چيو هو تہ اسين جنگ کٽي چڪا آهيون. دشمن جا 7 جهاز تباهہ ڪيا، هرهنڌ حملا ڪيا. انهن جو متو ڦري ويو. هاڻي ان کان اڳتي ناهي وڃڻو ۽ جنگبندي قبول ڪئي وئي. وزيراعظم سعودي عرب جي پنهنجي تازي دوري بابت ڳالهائيندي چيو تہ هو سعودي عرب ويو ۽ اتي سندس تاريخي آجيان ڪئي وئي. وزيراعظم جو چوڻ هو تہ هن 40 سالن ۾ اهڙي قسم جو آڌرڀاءُ نہ ڏٺو آهي. وزيراعظم ملڪ جي معيشت ۾ بهتري بابت تبصرو ڪندي چيو تہ ملڪ جون حالتون ڪجهہ سال اڳ ڏکيائين جو شڪار هيون. جڏهن اقتدار سنڀاليو تہ ان وقت بہ معاشي چئلينجز هئا، مهانگائي 32 سيڪڙو هئي پر هاڻي مهانگائي هڪ سال اندر ۾ گهٽجي سنگل ڊيجيٽ ۾ اچي وئي آهي. وزيراعظم موجب، اقتدار سنڀالڻ وقت پاليسي ريٽ ساڍا 22 سيڪڙو هو. اڄ 11 سيڪڙو تي آهي. وزيراعظم سمنڊ پار پاڪستانين کي عظيم سفير قرار ڏيندي چيو تہ اوورسيز پاڪستانين سال 24_25 ۾ ساڍا 38 ارب ڊالر ملڪ موڪليا، ملڪ جي موجوده معاشي صورتحال هاڻي مائڪرو ليول تي مستحڪم ٿي چڪي آهي.

بقايا 04

وفاقي وزير بحري معاملا محمد جنيد انور چوڌري چيو آهي تہ ورلڊ بينڪ طرفان پورٽ قاسم کي دنيا جي ٽاپ سيني کان وڌيڪ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ بندر گاهہ قرار ڏنو. حڪومت طرفان جاري اصلاحات ۽ جديد قدم انهي جو ثبوت آهي، ورلڊ بينڪ ايس اينڊ پي گلوبل مارڪيٽ انٽيليجنس جي تعاون سان جاري ڪيل ڪنٽينر پورٽ پرفارمنس انڊيڪس 2024 ۾ پورٽ قاسم کي دنيا جي 20 بهترين ترقي ڪندڙ بندرگاهن جي فهرست ۾ شامل ڪيو آهي. رپورٽ موجب 2020 کان 2024 جي وچ ۾ پورٽ قاسم جي ڪارڪردگي ۾ 35.2 پوائنٽس جو نمايان اضافو ٿيو وفاقي وزير جنيد انوار چيو تہ پورٽ قاسم جي عالمي رينڪنگ پاڪستان لاءِ اعزاز آهي. ڪاميابي حڪومتي اصلاحات ۽ جديديت جو ثمر آهي، قاسم انٽرنيشنل ڪنٽينر ٽرمينل جديد آپريشنز ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنيد انوار چيو تہ پاڪستان جديد ڪاري سان خطي جو شپنگ حب بڻيل رهيو آهي. بندر گاهن جي ڪارڪردگي ۾ بهتري سرمائيڪاري جي اعتماد ۾ اضافو ڪندي.

بقايا 05

سروسز گروپ ۽ سي ٽي ڊي حصو ورتو. آءِ ايس پي آر موجب، سيڪيورٽي فورسز خارجين جي ٺڪاڻن کي اثرائتي نموني سان نشانو بڻايو. آپريشن ۾ ڀارتي پراڪسي يافتا 17 خارجين کي دوزخ پهچايو ويو. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ مارجي ويل خارجين وٽان هٿيار ۽ بارودي مواد بہ هٿ آيو. دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن خلاف ڪاروائين ۾ ملوث هئا. آءِ ايس پي آر موجب، دهشتگرد معصوم شهرين جي قتل سميت ڪيترين ئي دهشتگر ڪارروائين ۾ ملوث رهيا. جڏهن تہ ڪنهن بہ ٻئي پارٽ نوازخارجي جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ هو تہ ملڪ مان ڀارتي سرپرستيءَ ۾ دهشتگرديءَ جي ناسور کي پاڙون پٽڻ لاءِ پرعزم آهيون.

بقايا 06

پيو وڃي جيڪو اسان کي ياد ڏياريندو آهي تہ سياحت نہ رڳو معاشي ترقي پر سماجي خوشحالي جي بہ ضمانت آهي وڏي وزير چيو تہ سنڌ جي سڃاڻپ موئن جو دڙو، رني ڪوٽ قلعو، گورک هِل، هاليجي، ڪينجهر ۽ منڇر ڍنڍ ۽ صحرا ٿر جهڙا تاريخي ۽ قدرتي ماڳ آهن سنڌ جا سمنڊ، دريا، ڪارونجهر ۽ کيرٿر جون پهاڙيون ڌرتي جي خوبصورتي کي اجاگر ڪن ٿيون هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت سياحتي ماڳن تي بنيادي ڍانچي ۽ سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو آهي جڏهن تہ ايڪو ٽورازم جي واڌاري لاءِ ماحولياتي تحفظ کي اولين ترجيح ڏني وئي آهي مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ لاءِ سياحت سان لاڳاپيل منصوبا شروع ڪيا ويا آهن ۽ نوجوانن ۽ عورتن کي هن شعبي ۾ تربيت ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن وڏي وزير جو چوڻ هو تہ سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ جهڙوڪ ميلا، لوڪ گيت، صوفي ڪلام، موسيقي ۽ دستڪاريون هميشہ سياحن کي پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪرائينديون آهن پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت نوان سياحتي منصوبا شروع ڪيا پيا وڃن ۽ جديد ڊجيٽل پليٽفارمز ذريعي سنڌ جي سياحت کي عالمي سطح تي اجاگر ڪيو پيو وڃي سيد مراد علي شاهہ چيو تہ سنڌ جي سياحت پاڪستان جي معاشي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي وزيراعليٰ سنڌ پنهنجي پيغام ۾ چيو اچو! سڀ گڏجي سنڌ کي دنيا جي سياحتي شاهڪار بڻايون

بقايا 07

ٻڌايو تہ ڪچي واري علائقي ۾ پوليس جو واردات جي ارادي سان ويٺل ڌاڙيلن سان مقابلو ٿي پيو. ٻنهي پاسن کان گولين جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌاڙيل پنهنجن ئي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي وي آهي سندس فرار ساٿين جي ڳولا جاري آهي مارجي ويل ڌاڙيل جي سڃاڻپ طالب بوسڻ طور ٿي آهي. جيڪو قتل، ڦرلٽ، دهشتگردي، رهزني ۽ پوليس سان جهيڙن سميت ڳنڀير ڏوهن ۾ گهربل هو ايس ايس پي احمد چوڌري موجب مارجي ويل ڌاڙيل پوليس کي تمام گهڻو گهربل هو ۽ لاڙڪاڻو شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن جي ڪيترن ئي ٿاڻن تي ويهہ کان وڌيڪ ڪيس داخل هئا. ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد چوڌري مقابلي ۾ حصو وٺندڙ پوليس ٽولي لاءِ انعام ۽ عزت جا حڪم جاري ڪيا آهن

بقايا 08

دهشتگردي تحت عدالت 9 مئي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ عمران خان طرفان ٽرائل روڪڻ بابت داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عمران خان جي قانوني ٽيم طرفان درخواست داخل ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ 9 مئي جي ايچ ڪيو حملي واري ڪيس جو ٽرائل روڪڻ جي استدعا ڪئي وئي هئي. داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو تہ ڊيولنڪ ٽرائل بابت لاهور هاءِ ڪورٽ راولپنڊي بئنچ جو فيصلو اچڻ تائين ٽرائل روڪيو وڃي. ٻڌڻي دوران عدالت 8 شاهدن کي ٻيهر طلب ڪرڻ بابت درخواست تي فريادي ڌر کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. عدالت طرفان ٻڌڻي دوران فريادي جي ٽن شاهدن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا، شاهدن ۾ ڊي ايس پي اڪبر عباس، انسپيڪٽر عصمت ڪمال ۽ انسپيڪٽر تهذيب الحسن شامل هئا. ان ڪانپوءِ عدالت عمران خان جي ليگل ٽيم طرفان ايڇ ڪيو حملي ڪيس جو ٽرائل روڪڻ جي استدعا رد ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 30 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 09

معمول تي اچي ويا آهن. ڪوٽڙي بيراج تي ٻوڏ صورتحال سبب نئين ۾ ڪچي جا وڌيڪ ڪيترائي ڀاڱا پاڻي هيٺ اچي ويا جنهن جي نتيجي ۾ سوين ايڪڙن تي چانور، ڪپهہ، ڪيلا ۽ پپيتي سميت ڪيترائي فصل سخت متاثر ٿيا آهن. ٻوڏ صورتحال سبب رهواسين جي حفاظتي بند ۽ محفوظ هنڌن تي منتقلي جاري آهي. جامشورو ۾ انڙپور، يوسي شاهہ اويس ۽ ڪچي جي ڳوٺن ۾ پاڻي جو دٻاءَ وڌڻ لڳو نوابشاهہ سڪرنڊ، مدمنگلي حفاظتي بند جي هنڌ تي ٻوڏ صورتحال آهي جنهن سبب ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. سجاول ضلعي ۾ سنڌو درياءَ جي حفاظتي بندن تي ٻوڏ صورتحال برقرار آهي. حفاظتي بندن تي پاڻي جو وهڪرو وڌو ويو، ضلعي انتظاميہ طرفان خيمہ بستيون قائم ڪيون ويون آهن. ٻئي طرف چناب درياءَ ۽ ستلج مان متاثر جلالپور پير والا ۾ ٻوڏ جو پاڻي گهٽ نہ ٿي سگهيو. ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا، اڄ شريف روڊ تي ٻوڏ متاثرين گهرن ڏانهن واپسي لاءِ پاڻي لهڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن. توراجهہ بهتہ بند تي بيل گهاري واري جڳهہ تي مرمت جو ڪم بہ جاري آهي. رحيم يار خان، بهاولنگر ۽ بهاولپور جو وڏو ايريا متاثر ٿي ويو جنهن کان پوءِ نقصانن جي سروي شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 10

جو دروازو ڀڃي شاگردن ۽ استادن جا رجسٽر، جنرل رجسٽر ۽ ٻيو سامان چوري ڪري کڻي ويا، اسڪول جي پرنسپال محمد رضوان جکراڻي صحافين کي ٻڌايو تہ اسانجي اسڪول مان اڳ ۾ بہ ٽي دفعا چور چوري ڪري سامان کڻي ويا، بار بار چوري ٿيڻ سبب تعليم متاثر ٿئي ٿي ، جنهن سبب اسڪول جي سراسري حاضري پڻ اثرانداز ٿئي ٿي، هن چيو اهڙو اطلاع اعليٰ اختيارين کي پڻ ڏنو ويو آهي، هن وزير تعليم سنڌ، سيڪريٽري تعليم سنڌ، آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي جيڪب آباد کان مطالبو ڪندي چيو تہ بدامني تي ضابطو آڻي تعليم دشمن چورن خلاف جلد سخت ڪارروائي ڪري کين فوراً گرفتار ڪيو وڃي، تہ جيئن ٻارڙن جي تعليم بهتر طريقي سان جاري رکي سگهجي.

بقايا 11

بحالي جون ڪارروايون تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو تہ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ماڻهن جي بحالي تائين سک سان نہ ويهنداسين. جنرل اسيمبليءَ ۾ موسمياتي تبديلي جي اثرن تي پاڪستانين جي آواز سموري دنيا تائين پهچائي. پاڪستان جهڙو ترقي يافتہ ملڪ موسمياتي تبديلي سبب ايندڙ قدرتي آفتن سبب مسلسل متاثر ٿي رهيو آهي. وزيراعظم وفاقي وزير احسن اقبال کي امداد ۽ بحالي جي آپريشن جي ڪڙي نگراني ۽ جائزه اجلاس گهرائڻ جي هدايت ڪئي. هن چيئرمين اين ڊي ايم اي کي بہ صوبن ۽ پي ڊي ايم ايز کي مڪمل تعاون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ تيل نقصانن جو هنگامي بنيادن تي ڪم مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ ٻوڏ کان پوءِ فصلن ۽ بنيادي ڍانچي کي پهچندڙ نقصان کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي تہ جيئن امدادي ڪارروائين، بحالي لاءِ جامع منصوبہ بندي ۾ آساني ٿئي. وزيراعظم موٽروي ايم 5 جي ستلج درياءَ ۾ ٻوڏ سبب متاثر حصي جي بحالي لاءِ اين ايڇ اي کي قدم تيز ڪرڻ جي هدايت ڏيندي چيو تہ موٽروي ۾ جلال پور پير والا جي هنڌ تي پوندڙ گهاري جي فوري مرمت ڪئي وڃي. هن سيڪريٽري مواصلات ۽ چيئرمين اين ايڇ اي کي ايم 5 جي متاثر حصي تي نقصان جي جائزي جي هدايت ڏني ۽ صحت کاتي جي اختيارين کي پاڻي سبب پکڙجندڙ بيمارين کان بچاءَ جي حوالي سان سمورا ضروري قدم کڻڻ جا حڪم ڏنا. وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ فائديمند فصلن جي پوکي لاءِ بہ خصوصي قدم کنيا وڃن.

بقايا 12

تي ڪم روڪڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. سنڌ حڪومت طرفان لکيل خط ۾ چيو ويو تہ 26 سيپٽمبر تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبي ۾ پي آءِ ڊي سي ايل جي ڪردار جو جائزو ورتو ويو خط ۾ چيو ويو آهي تہ پي آءِ ڊي سي ايل جي شهري پيڪيج منصوبن ۾ پي آءِ ڊي سي ايل جي مداخلت کي غيرقانوني قرار ڏنو ويو خط جي متن ۾ چيو ويو آهي تہ پي آءِ ڊي سي ايل صرف اڳوڻي پاڪ ڊبليو پي ڊي منصوبن کي مڪمل ڪري. خط ۾ چيو ويو آهي تہ ڪراچي ۽ حيدرآباد جا شهري ترقياتي پيڪيجز پي آءِ ڊي سي ايل جي اختيار کان ٻاهر آهن. وفاق ۽ سنڌ حڪومت جي وچ ۾ طئي ٿيل اختيارن جي پيچيدگي کان پي آءِ ڊي سي ايل پاسو ڪري.

بقايا 13

سميت 27 ماڻهن کي حوثي باغين يرغمال بڻائي ورتو. جن کي آزاد ڪيو ويو پنهنجي ٽوئيٽ ۾ محسن نقوي چيو تہ هڪ اسرائيلي ڊرون يمن جي ساحلي علائقي راس العيسي ۾ هڪ ايل پي جي ٽينڪر تي حملو ڪيو حملي جي وقت، جهاز تي 27 ماڻهو سوار هئا. جن ۾ 24 پاڪستاني بہ شامل هئا. جهاز تي هڪ ٽينڪ ڦاٽي پيو پر عملو باهہ تي ضابطو آندو، وزير داخلا چيو تہ بعد ۾ حوثي فورسز جهاز کي روڪيو ۽ عملو کي يرغمال بڻائي ورتو. پر پاڪستاني سيڪيورٽي ادارن ۽ سفارتي ڪوشش جي ڪري، عملو بچايو ويو ۽ ڪيپٽن مختيار اڪبر سميت سڀ پاڪستاني عملو محفوظ رهيو حوثين جهاز ۽ عملو کي بحفاظت آزاد ڪرايو ۽ جهاز يمني پاڻين مان ٻاهر اچي ويو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ گهرو سيڪريٽري خرم آغا، سفير نويد بخاري ۽ ٻين عملدارن جون ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن، ۽ پاڪستاني ٽيمون گهرو وزارت، سعودي عرب ۽ عمان ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون.

بقايا 14

کي نامعلوم هٿياربند اغوا ڪري ويا. سادن ڪپڙن وارن هٿيار بندن ويگن کي روڪي نوجوانن کي هيٺ لاٿو ۽ پنهنجي گاڏي ۾ ويهاري پاڻ سان گڏ وٺي ويا. سندن وارثن کنيل گم ڪيل نوجوانن جي زندگي کي خطري جو خدشو ظاهر ڪندي سندن جلد بازيابي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 15

۾ اچڻ تي خوش نہ هو پر اڄ مون کي يقين آهي تہ هو سياست ۾ اچڻ کان پوءِ منهنجي ڪيل ڪمن تي فخر ڪندو هوندو. پاڪستان نيوي وار ڪاليج جي 55هين اسٽاف ڪورس جي شرڪت ڪندڙ سان ملاقات جي موقعي تي ڳالهين جي دوران مريم نواز ٻوڏ ۾ مدد تي پاڪستان نيوي کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو تہ ريسڪيو رليف آپريشن لاءِ پاڪستان نيوي قدر جوڳو ڪردار ادا ڪيو مريم نواز چيو تہ ڌيئرن کي موقعا ڏيو. اعتماد ۽ حوصلو ڏيو. انشاءالله آهي اڳيان وڌنديون ۽ ترقي ڪنديون. قوم کي ورهائيندڙن کي ووٽ نہ ڏيو. ووٽ خدمت ۽ ڪم جي عيوض ڏيو هن چيو تہ پنجاب کي عورتن جي لاءِ محفوظ ترين بنائڻ چاهيون ٿا. بحيثيت وزيراعليٰ جي طور تي ماضي جي روايتن کان انڪار ڪيو نئين سوچ ۽ نئين آئيڊياز کي هٿي ڏني، پاڻ کي ثابت ڪرڻ لاءِ پائرن کان وڌيڪ ڪم ڪرڻو پيو مريم نواز وڌيڪ چيو تہ والد نوازشريف منهنجي سياست ۾ اچڻ تي ٻڌتر جو شڪار هو. پر مون آهستہ آهستہ سياسي معاملن کي سمجهڻ شروع ڪيو. اڄ يقين آهي تہ والد مون تي فخر محسوس ڪندو هوندو.

بقايا 16

. اين سي سي آءِ اي ترجمان موجب سرگوڌا جي رهواسي نوجوانن سوشل ميڊيا تي هڪ وڊيو اپلوڊ ڪئي هئي، جنهن ۾ وزيراعليٰ پنجاب خلاف گندا لفظ ۽ غير اخلاقي ٻولي استعمال ڪئي وئي هئي. ترجمان جو چوڻ هو تہ اين سي سي آءِ اي ٽنهي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ۽ جنرل بس اسٽيشن تي سندن موجودگيءَ جي اطلاع تي ڇاپو هڻي کين گرفتار ڪيو ويو. ترجمان موجب، جوابدارن جا موبائل فون پڻ ضبط ڪيا ويا آهن.

بقايا 17

چوماسي برساتن سبب موسم نهايت خوشگوار رهي، پر هاڻي آڪٽوبر کان اڳ ئي گرمي جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي تہ ڪراچي ۾ گرمي پد ۾ واڌ جو امڪان آهي ۽ ايندڙ 3 ڏينهن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي. موسميات کاتي موجب، آچر ۽ سومر تي گرمي پد 36 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي سگهي ٿو جڏهن تہ شام جو سامونڊي هوائون بحال ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا 18

۽ عوامي سهولتن جي فراهمي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن آهي هن چيو تہ ڪراچي جون شاهراهون، گهٽيون ۽ نيڪاسي آب جو نظام جديد بنيادن تي ٺهرايو پيو وڃي. جڏهن تہ پارڪن ۽ تفريحي ماڳن جي بحاليءَ جا ڪم بہ تيزيءَ سان مڪمل ڪيا پيا وڃن وزير بلديات وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح ڪراچي کي جديد شهري سهولتن سان آراستہ ڪرڻ آهي ماس ٽرانزٽ سسٽم، سيوريج، صاف پاڻي ۽ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ جا وڏا منصوبا اڳتي وڌايا پيا وڃن. جيئن شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن سيد ناصر حسين شاهہ وڌيڪ چيو تہ ڪراچي پاڪستان جو اقتصادي حب آهي، جتي روزگار لاءِ سڄي ملڪ مان لکين ماڻهو اچن ٿا، تنهنڪري ڪراچي جي ترقي اصل ۾ پاڪستان جي ترقي آهي.

بقايا 19

آرٽيڪل 54 جي شق هڪ تحت سيشن طلب ڪيو آهي .اجلاس ۾ سعودي عرب سان معاهدي تي بحث ڪيو ويندو.

بقايا 20

۾ پرائمري ايجوڪيشن ڪميشن جو قيام وقت جي ضرورت آهي. موجوده تعليمي نظام کي وڌيڪ عملي بڻائي سگهجي ٿو ۽ شاگردن کي اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو عوام جي حقيقي خدمت صرف مقامي حڪومت کي بااختيار بڻائڻ سان ممڪن آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ۾ 38 هين سينئر مئنيجمينٽ ڪورس جي شرڪت ڪندڙن سان ڳالهائيندي ڪيو گورنر سنڌ وڌيڪ چيو تہ توهان کي هي عهدو عوام جي خدمت لاءِ ڏنو ويو آهي. ايمانداري، وقت جي پابندي ۽ عوامي مسئلن کي جلدي حل ڪرڻ جي صلاحيت هڪ آفيسر جي اصل سڃاڻپ آهي. گورنر سنڌ آفيسرن کي صلاح ڏني تہ آفيسرن کي پنهنجي آفيسن جا دروازا بہ عوام لاءِ کليل رکڻ گهرجن. هن چيو تہ اڄ گورنر هائوس جا دروازا عوام لاءِ کليل آهن تہ جيئن هن تاريخي عمارت کي ويجهي کان ڏسي سگهجي، هن چيو تہ ڪرپشن، سفارش ۽ ناانصافي ڪنهن بہ اداري کي خالي ڪري ڇڏي ٿي، هن چيو تہ آفيسرن کي عوام سان نرم لهجي ۾ ڳالهائڻ گهرجي. انهن جي درد کي محسوس ڪرڻ گهرجي ۽ انصاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل فيصلا ڪرڻ گهرجن. هن چيو تہ گورنر هائوس ۾ نوجوانن لاءِ آئي ٽي، راندين ۽ ٽيلنٽ ايوارڊ جهڙا ڪيترائي پروگرام شروع ڪيا ويا آهن. اڄ گورنر هائوس ۾ 50 هزار نوجوان جديد آئي ٽي ڪورسز ۾ مفت تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. تربيت دوران، نوجوان هر مهيني هزارين ڊالر ڪمائڻ جي قابل ٿي ويا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ آئي ٽي نوجوانن لاءِ ٻاهرين ملڪن ۾ نوڪرين لاءِ ادارن سان ايم او يوز تي بہ صحيحون ڪيون ويون آهن.

بقايا 21

ٿيڻ بعد 3 لک 97 هزار 700 رپين جو ٿي ويو . ايسوسيئيشن موجب، ڏهہ گرام سون 1629 رپيا واڌ سان 3 لک 40 هزار 963 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. ٻئي پاسي عالمي مارڪيٽ ۾ بہ في اونس سون جي قيمت 19 اضافي بعد 3759 ڊالرز آهي.

بقايا 22

آهي ۽ صدر آصف علي زرداري هاڻي بي اثر نظر اچي ٿو فواد چوڌري موجب صدر زرداري کي هاڻي نہ تہ اهم فيصلا ٻڌايا وڃن ٿا ۽ نہ ئي ڪنهن معاملي تي بريفنگ ڏيڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو سندس چوڻ هو تہ هي صورتحال پيپلز پارٽي لاءِ غير معمولي زوال آهي، ڇو تہ جيڪا جماعت ماضي ۾ ملڪ جي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي، اها اڄ پنهنجي سياسي حيثيت وڃائي چڪي آهي.

بقايا 23

۽ واپاري اتحاد ڪميٽي پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ وفاقي حڪومت سان هڪ معاهدو طئي ٿيو آهي جنهن ۾ گلگت بلتستان کي نان ٽيرف علائقو قرار ڏنو ويو آهي. بيان موجب گلگت بلتستان جي واپارين کان سيلز ٽيڪس، انڪم ٽيڪس ۽ فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي وصول نہ ڪئي ويندي. ڪسٽم آمدني جو هڪ سيڪڙو صوبائي حڪومت سرحدي علائقي جي ترقي لاءِ خرچ ڪندي. سپريم ڪائونسل گلگت بلتستان ۽ واپاري اتحاد ڪميٽي جو چوڻ آهي تہ وفاقي حڪومت سان اهو اتفاق ڪيو ويو آهي تہ ٻن سالن کان بيٺل ڪنٽينرن تي لڳايل جرمانا وصول نہ ڪيا ويندا. ۽ ڪنٽينرن ۽ سامان جي چڪاس ٻيهر ڪئي ويندي.

بقايا 24

تبديل ٿين ٿيون پر معاشي پاليسي تبديل نٿي ٿئي، جنهنڪري هر حڪومت ۾ غربت جي شرح ۾ اضافو ٿيو آهي. حڪومت ورلڊ بئنڪ جي رپورٽ جي آئيني ۾ پنهنجي معاشي ڪارڪردگي ڏسي. معاشي پاليسيون پورهيت دشمن، هاري دشمن ۽ جو غريب دشمن آهن. ملڪ جي دولت ۽ وسيلن تي حڪمران، سرمائيدار ۽ جاگيردار طبقي جو قبضو آهي. هاري، مزدور، پورهيت بنيادي سهولتن سميت قانوني انساني حقن کان بہ محروم آهن. اياز لطيف پليجي چيو تہ غربت، بيروزگاري ۽ بدحالي انارڪي پيدا ڪندي آهي. حڪمران ٻين ملڪن ۾ خراب معاشي پاليسين سبب عوامي بغاوت مان سبق حاصل ڪن. موجود حڪمران خراب حڪمراني جو تسلسل ثابت ٿي آهي. سنڌ ۾ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حالتون خراب آهن. ڪرپشن سمورن کاتن کي اڌوهي بڻجي کائي ڪوکلو ڪري ڇڏيو آهي. صحت، تعليم، امن، روزگار سميت بنيادي سهولتون ناهن. مهانگائي ماڻهن کان 2 وقت جي ماني کسي ورتي آهي. زراعت جي تباهي سبب آبادگار ۽ هاري بدترين حالتن جو شڪار آهن. لکين نوجوان بيروزگاري جو شڪار آهن. مايوسي سبب خودڪشين جا واقعا پيش اچن ٿا. سرڪاري تعليمي نظام درهم برهم آهي ۽ سرڪاري اسپتالن ۾ بهتر علاج جون سهولتون ناهن، جنهنڪري پرائيويٽ تعليمي سسٽم ۽ پرائيويٽ اسپتالون وڏو ڪاروبار بڻجي ويو آهي.

بقايا 25

ميڊيڪل بورڊ جي تفصيلي رپورٽ سيڪريٽري ڪاظم جتوئي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ کي پيش ڪئي آهي رپورٽ موجب صالح پٽ ضلعي سکر مان آندل 18 مهينن جي اَنٿي چانديو کي 19 سيپٽمبر تي سي ڊي آر آءِ ايس ۾ داخل ڪيو ويو هو اَنٿي جي جاڙي ۾ پٺئين ساڄي ٽنگ تي ڪلهاڙي جي وار سبب زخم ۽ فريڪچر هئا جڏهن تہ اَنٿي ڪمزوريءَ جي حالت ۾ هئي ميڊيڪل بورڊ 26 سيپٽمبر تي بہ وڏا آپريشن ڪيا (1) جاڙي جي هڏي کي بون پننگ ٽيڪنڪ وسيلي ٺيڪ ڪيو ويو (2) پٺئين ساڄي ٽنگ جو آپريشن ڪري ان کي ڪٽيو ويو ٽي ڪلاڪ ڊگهو آپريشن منجهند 1:25 کان 4:40 تائين جاري رهيو جيڪو مڪمل طور ڪامياب ۽ بنا رت وهي ڪيو ويو سرجري ڊاڪٽر جاويد ڪوسو، ڊاڪٽر ذوالفقار حيدر ارونو ۽ ڊاڪٽر محمد علي گوپانگ ڪئي جڏهن تہ اينستهيزيا ڊاڪٽر شال حيات ۽ ڊاڪٽر محمد علي اياز ڏنو ميڊيڪل بورڊ مطابق اَنٿي چانديو هاڻ خطري کان ٻاهر ۽ مڪمل هوش ۾ آهي هوءَ ايندڙ ٻن ڏينهن ۾ خوراڪ جي قابل ٿي ويندي ۽ ٽن کان پنج هفتن ۾ باقاعده کائڻ جي قابل ٿي ويندي هن وقت ميڊيڪل ٽيم جي سڄي ڌيان چانديو جي صحت جي بحالي ۽ لڳاتار نگراني تي آهي ميڊيڪل رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ چانديو جا ٻئي وڏا زخم ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪيا ويا آهن ۽ اَنٿي هاڻ تيزيءَ سان صحتياب ٿي رهي آهي

بقايا 26

سنڌ جي ملازمن کي چيو تہ هو سيني جو شڪريو ادا ڪرڻ چاهيندو تہ توهان ڊويزنل احتجاج ۽ لاڪ ڊائون منظر ڪيو هاڻ اهو 6 آڪٽوبر تائين جاري رهندو آهي .اسان کي پنهنجو حوصلو بلند رکڻو آهي،سنڌ ايمپلائيز الائنس جي چيئرمين حاجي اشرف خاصخيلي ۽ سينٽرل ڪميٽي سومر 29 سيپٽمبر ۽ اڱارو 30 سيپٽمبر تي سنڌ جي سيني ضلعن جي پريس ڪلبن جي سامهون چارچار ڪلاڪن جي علامتي بک هڙتال ڪيمپ لڳائڻ جو اعلان ڪيو آهي جنهن ۾ سيئي تنظيمون ڀرپور شرڪت ڪنديون .6 آڪٽوبر تي بلاول هائوس اعلائيل احتجاج ڪيو ويندو. سنڌ جي ننڍن توڙي وڏن شهرن ۾ احتجاجي جاري آهن ان ڏس ۾ منظور آباد،سکر،روهڙي،خانپور مهر،ٺڪرانو،سيوهڻ،حيدر آباد،ميرپورخاص،نوابشاهہ سميت ٻين احتجاج ڪيو ويو.دادو ۾ پڻ سنڌ ايمپلائز جي سڏ تي سرڪاري ملازمن پاران هڪ وڏي موٽرسائيڪل ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مختلف کاتن جي سرڪاري ملازمن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ريلي لاڙڪاڻي روڊ تان شروع ٿي دادو پريس ڪلب پهتي، جتي شهر ۾ زبردست رش ۽ ملازمن جي وڏي ۾ وڏي گڏجاڻي ڏسڻ ۾ آئي شرڪت ڪندڙ ملازمن هٿن ۾ ڪارا جهنڊا کڻي حڪومت جي سرڪاري ملازمن لاءِ تيل فيصلن خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين جو مطالبو هو تہ پينشن ڪٽوتي جو فيصلو فوري طور واپس ورتو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ريلي کي خطاب ڪندي چيئرمين سنڌ ايمپلائز ضلع دادو منظور پنهوَر چيو تہ جيڪڏهن ملازمن جون جائز گهرجون پوريون نہ ڪيون ويون تہ هي ملازمن جو سمنڊ دادو کان نڪري وزيراعليٰ هائوس ۽ بلاول هائوس تائين وڃي سگهي ٿو هن وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن سموري سنڌ جا ملازم روڊن تي نڪري آيا تہ پوءِ حڪمرانن لاءِ انهن کي روڪڻ ممڪن نہ رهندو، ريلي ۾ تعليم،صحت، اگريڪلچر،ايريگيشن سميت تمام کاتي جي ملازمن شرڪت ڪئي، گهوٽڪي ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي گهوٽڪي ۾ صوبائي کاتي جي آفيسن جي تالا بند ڪري پريس ڪلب اڳيان ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو،اسڪولن،ڪاليجن،اسپتالن سميت ٻين آفيسن جي تالا بندي جاري مطالبا منظور نہ ٿيڻ جي صورت ۾ تہ 6 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ ڌرڻي هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو خبرموجب سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي تعليم کاتي،ايريگيشن،هيلٿ سميت مختلف کاتن جي ملازمن پاران تعليم کاتي جي استاد محمد بخش عارباڻي،عبدالجبار شاهہ،ڊاڪٽر مهتاب حسين سومرو،نور محمد انڍڙ،ارشد لڪڻ،خان محمد سومرو،حاجي شير محمد سومرو،سيد زاهد حسين شاهہ،عبدالرشيد چاچڙ،سعيد احمد شيخ،روي ڪمار،مس پرويز چاچڙ،مس مهيوش،هيلٿ جي اورنگزيب مهر،ڊاڪٽر ثناء الله شاهاڻي،ٻاول گهوٽو،لال چند،شاهنواز ميراڻي،ايريگيشن جي لالا قيصر پناڻ،قطب الدين پتو،قدير سومرو،۽ ٻين کاتن جي ملازمن جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پنجن ڏينهن کان سنڌ جي اسڪولن ڪالجن،اسپتالن جي تالا بندي جاري آهي تدريس بند آهي آفيسن ۾ قلم ڇڏ احتجاج هلي رهيو آهي پر ان باوجود بہ سنڌ حڪومت پنهنجي هوڏ تي قائم آهي هڪ طرف سنڌ حڪومت پينشن رولز ۾ ترميم ڪري ملازمن جو معاشي قتل ڪيو آهي، پينشن رولز ۾ ڪيل ترميم فوري طور واپس ورتي وڃي، ملازمن وڌيڪ چيو تہ ڊسپيئرٽي الائونس گروپ انشورنس ،بينئول فنڊ سنڌ جي ملازمن جو حق آهي اگر سنڌ حڪومت ملازمن جا مطالبا منظور نہ ڪيا تہ 6 آڪٽوبر تي پوري سنڌ جا ملازم بلاول هاوس تي ڌرڻو هڻي ويهندا ۽ اهيو ڌرڻو مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو، احتجاجي ريلي ۾ سوين ملازمن شرڪت ڪئي.

بقايا 27

گهٽي ۾ هوائي فائرنگ ڪئي ۽ پوءِ گهر اندر هوائي فائرنگ ڪئي. پوليس موجب، فاطمہ جيڪا باورچي خاني ۾ ويٺي هئي، ان جي ڳچيءَ ۾ گولي لڳي، جنهن سبب هن جو موت ٿيو پوليس جو چوڻ آهي تہ واقعي واري هنڌ تان ٽيٽي بور پستول جا گولا هٿ ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ جوابدار کي بہ گرفتار ڪيو ويو آهي، پوليس موجب، ڇوڪري جي خاندان پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ گهر ۾ شادي جي تقريب هلي رهي هئي، ڇوڪري پنهنجي ڳچيءَ کي هڪ پاسي جهڪائي ويٺي هئي، انهن سوچيو تہ هوءَ سمهي پئي آهي. جڏهن انهن تقريب کان پوءِ پنهنجي ڌيءَ کي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ هوءَ ڪري پئي.

بقايا 28

شاندار قرار ڏنا پيا وڃن. هن ڪاميابي تي ڪراچي ويسٽ زون ۾ 4، ايسٽ زون ۾ 7 ۽ سائوٿ زون ۾ 9 وڌيڪ سي آءِ سي قائم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ڊي آءِ جي ويسٽ زون عرفان بلوچ چيو تہ سنگين ڏوهن، ڦرلٽ، مالي ڏوهن، ٻارن ۽ عورتن سان لاڳاپيل ڏوهن لاءِ سيل ۾ 7 جاچ سيل قائم ڪيا ويا آهن. جاچ آفيسرن کي انهن جي تجربي ۽ قابليت جي بنياد تي ڪيسن جي جاچ جي ذميواري سونپي پئي وڃي. جاچ آفيسرن تي بار، ڊيٽيڪشن، سجاڳ پريڊ، تجربي ۾ گهٽتائي آئي آهي ۽ گرفتارين ۾ غير معمولي واڌ ٿي آهي، ۽ ڪيسن ۾ ڊيٽيڪشن جي شرح 82 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي. عرفان بلوچ چيو تہ ڊيٽا موجب، 1 جنوري کان 15 سيپٽمبر 2025 تائين، لياقت آباد ڊويزن جي 7 پوليس اسٽيشنن جي اسپيشل سيل لياقت آباد ڪمپليڪس ۾ جاچ ڪئي وئي. ڪل 1476 ڪيسن مان 1312 ڪيس ٽريس ڪيا ويا، جن مان 1045 ڪيسن جون آخري رپورٽون عدالتن ۾ جمع ڪرايون ويون. 1367 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، ۽ جاچ جي ڪاميابي جي شرح 82.8 سيڪڙو رهي، هن وڌيڪ چيو تہ سنگين ڏوهن جي 76 ڪيسن مان 54 ٽريس ڪيا ويا، 58 جوابدار گرفتار ڪيا ويا ۽ جاچ جي ڪاميابي جي شرح 71 سيڪڙو رهي، ڦرلٽ جي 163 ڪيسن مان 93 ٽريس ڪيا ويا، 160 جون آخري رپورٽون تيار ڪيون ويون ۽ 92 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، ڪيسن جي حل جو تناسب 56 سيڪڙو رهيو، مالي ڏوهن جي 187 ڪيسن مان 160 ٽريس ڪيا ويا، 171 جون آخري رپورٽون عدالتن ۾ جمع ڪرايون ويون، 118 جوابدار گرفتار ڪيا ويا ۽ ڪاميابي جي شرح 86 سيڪڙو رهي، عرفان بلوچ موجب، 146 ٻين ڪيسن مان، 64 کي ڳولهيو ويو، 128 جون آخري رپورٽون جمع ڪرايون ويون، 96 جوابدارن جي گرفتاري کان پوءِ تناسب 44 سيڪڙو آهي. عورتن ۽ ٻارن خلاف ڏوهن جي 101 ڪيسن مان، 71 کي ڳولهيو ويو، 90 جون آخري رپورٽون جمع ڪرايون ويون، 35 جوابدارن جي گرفتاري سان تناسب 70 سيڪڙو هو هن چيو تہ سي آءِ سي قائم ڪرڻ جو مقصد جاچ کاتي جي مختلف شعبن ۾ بهتري، تجربا ۽ جدت متعارف ڪرائڻ آهي، جاچ جي عمل کي جديد گهرجن، ٽيڪنالاجي ۽ نئين طريقن سان وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ آهي، سي آءِ سي ۾ آئي ٽي ليب، پڇا ڳاڇا جا ڪمرا، شاهدن جو ڪمرو، لاڪ اپ، عورت پوليس اهلڪار ۽ ٻيا شعبا آهن. جاچ ٽيمن پاران ڪيل جاچ رپورٽن جو هڪ ڊيٽا بينڪ پڻ قائم ڪيو ويو آهي، ڪيسن جي ڳولا ۾ بهتري سان، هاڻي اسان جو ايندڙ مقصد جوابدارن لاءِ وڌ ۾ وڌ سزا جي شرح کي وڌائڻ هوندو، عرفان علي بلوچ موجب، جاچ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو، پيداواري ۽ جديد ٽيڪنالاجي سان ليس بڻائڻ وقت جي ضرورت آهي.

بقايا 29

۾ اچڻ تي خوش نہ هو پر اڄ مون کي يقين آهي تہ هو سياست ۾ اچڻ کان پوءِ منهنجي ڪيل ڪمن تي فخر ڪندو هوندو. پاڪستان نيوي وار ڪاليج جي 55هين اسٽاف ڪورس جي شرڪت ڪندڙ سان ملاقات جي موقعي تي ڳالهين جي دوران مريم نواز ٻوڏ ۾ مدد تي پاڪستان نيوي کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو تہ ريسڪيو رليف آپريشن لاءِ پاڪستان نيوي قدر جوڳو ڪردار ادا ڪيو مريم نواز چيو تہ ڌيئرن کي موقعا ڏيو. اعتماد ۽ حوصلو ڏيو. انشاءالله آهي اڳيان وڌنديون ۽ ترقي ڪنديون. قوم کي ورهائيندڙن کي ووٽ نہ ڏيو. ووٽ خدمت ۽ ڪم جي عيوض ڏيو هن چيو تہ پنجاب کي عورتن جي لاءِ محفوظ ترين بنائڻ چاهيون ٿا. بحيثيت وزيراعليٰ جي طور تي ماضي جي روايتن کان انڪار ڪيو نئين سوچ ۽ نئين آئيڊياز کي هٿي ڏني، پاڻ کي ثابت ڪرڻ لاءِ پائرن کان وڌيڪ ڪم ڪرڻو پيو مريم نواز وڌيڪ چيو تہ والد نوازشريف منهنجي سياست ۾ اچڻ تي ٻڌتر جو شڪار هو. پر مون آهستہ آهستہ سياسي معاملن کي سمجهڻ شروع ڪيو. اڄ يقين آهي تہ والد مون تي فخر محسوس ڪندو هوندو.

بقايا 30

ٿيڻ بعد 3 لک 97 هزار 700 رپين جو ٿي ويو . ايسوسيئيشن موجب، ڏهہ گرام سون 1629 رپيا واڌ سان 3 لک 40 هزار 963 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. ٻئي پاسي عالمي مارڪيٽ ۾ بہ في اونس سون جي قيمت 19 اضافي بعد 3759 ڊالرز آهي.

بقايا 01

امتياز علي خاصخيلي کي ڏني وئي. جڏهن ته وائيس چيئرمين طور ساجد علي خاصخيلي کي چونڊيو ويو صدر جي حيثيت ۾ جاويد احمد خاصخيلي ۽ نائب صدر طور ڏٽي بخش خاصخيلي کي مقرر ڪيو ويو تنظيم جي معاملن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ جنرل سيڪريٽري جو عهدو عباس علي خاصخيلي حوالي ڪيو ويو. جڏهن ته ڊپٽي سيڪريٽري احمد رضا خاصخيلي چونڊيو ويو انفارميشن سيڪريٽري جي ذميواري فهيم احمد خاصخيلي کي ملي. جڏهن ته پريس سيڪريٽري طور عديل احمد پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. ان سان گڏوگڏ ميمبر ڪميٽي اڳواڻ جي حيثيت ۾ مظهر حسين خاصخيلي کي مقرر ڪيو ويو ميٽنگ ۾ ڳالهائيندڙن زور ڏنو ته ينگ خاصخيلي اتحاد جو مقصد نوجوانن کي هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪرڻ، سماجي بهتري لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ ۽ اتحاد جي نالي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آهي. ساٿين عزم ڪيو ته مستقبل ۾ گڏجي پنهنجي اتحاد کي وڌيڪ منظم بڻائيندا ۽ علائقي جي نوجوانن جي بهتر نمائندگي ڪندا

بقايا 02

2025 ٽائين ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڏني. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته پوليو جو خاتمو وقت جي ضرورت آهي سموراوسيلا ڪتب آندو وڃي ان سلسلي ۾ ڪا به غفلت برداشت نه ڪئي ويندي ۽ چيو ته جن يوسيز جي ايريا انچارجن جي ڪارڪردگي گذريل پوليو مهم دوران غير تسلي بخش هئي انهن کي ايندڙ مهم دوران پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ جو پابند بڻايو وڃي. ان موقعي تي ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر سنديپ ڪمار سيني تعلقي سپروائيزرن کي سختي سان هدايت ڪئي ته اهي پنهنجن علائقن ۾ پوليو ٽيمن جي ڪم جي نگراني ڪن. ان موقعي تي ضلعي فوڪل پرسن پوليو پروگرام ڊاڪٽر نارائڻ داس جگاڻي چيو ته صحت ڪاتو پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مائڪرو پلان کي آخري شڪل ڏئي رهيو آهي ۽ چيو ته هن پوليو مهم دوران ضلعي ۾ پيدائش کان وٺي پنجن سالن تائين جي 348,463 ٻارن کي ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 2 فيصل علي سومرو، اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور خاص غلام حسين ڪانهيون، اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌڙي افراز سعيد، اسسٽنٽ ڪمشنر حسين بخش مري ميان سعود بن نعمان، ايڊيشنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ عبدالوهاب عباسي، ڊپٽي ضلعي ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري اسڪولز علي خان ناريجو، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر انور حسين خاصخيلي، ڊپٽي ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪولز رجسٽريشن سيد خالد شاهه، ضلعي مئنيجر پي پي ايڇ آءِ (بي) برگيڊيئر (ر) محمد فاروق، ضلعي پوليو ڪنٽرول روم فوڪل پرسن ڊاڪٽر راجيش ڪمار، ڪميونيڪيشن آفيسر منير ابڙو، تعلقي سپروائيزرز، ايريا انچارجز ۽ لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 03

غيور عباس پنهور، مولانا باقرحسين شجاعي ۽ مولانا علي نواز سومرو جن خطاب ڪندي شهدائن مقاومت ۽ خاص طور شهيد سيد حسن نصرالله جي جدوجهد کي خراج عقيدت پيش ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه، عبداللطيف ڪتري، نعيم قريشي، اقبال حسيني، سجاد ڪتري ۽ ٻين پاران پروگرام جو انتظام سنڀاليا ويا.

بقايا 04

۾ GSF BRSP پراجيڪٽ مئنيجر نصيراحمد اڄڻ صاحب شرڪت ڪئي ۽ سيرت النبي جي حوالي سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن انسان ذات سان ڀلائي ڪرڻ ۽ اخلاق پيار سان پيش اچڻ جو درس ڏنو آهي تصير احمد اڄڻ صاحب والدين کي ٻارن جي تعليم ڏيارڻ جي حوالي سان تمام گهڻو زور ڏنو آهي ۽ چيو ته اڄ جي هن دور ۾ تعليم ضروري آهي پنهنجي اولاد جي سٺي تربيت ڪريو ۽ وڌ ۾ وڌ تعليم ڏيارڻ جي هن پروگرام جا خصوصي مهمان ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پانڌي خان ٽالپر صاحب تعلقا ايجوڪيشن آفيسرسيوهڻ نصيرمحمد لاکو صاحب تعلقا سيوهڻ ايجوڪيشن آفيس اسسٽنٽ عابد سئيج صاحب جن هئا ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسرجامشورو پانڌي خان ٽالپر صاحب جن ڳالهائيندي چيو ته اڄ هن پروگرام کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ڳوٺ سينگار فائونڊيشن جو تعليم تي سٺو ڪم آهي تعليم جي حوالي سان منهنجو استادن سان ڀرپور ساٿ رهندو تعلقا ايجوڪيشن آفيسر سيوهڻ نصيرمحمد لاکو صاحب جن ڳالهائيندي چيو ته مان استادن کي جس ڏيان ٿو جيڪي هنن ڏورانهن علائقن ۾ اچي ٻارن کي تعليم جهڙي زيور سان آراستا ڪن ٿا ۽ ڳوٺاڻن کي استادن سان ڀرپور تعاون ڪرڻ جو چيو 0 GSF _BRSP پاران عيد الميلادالنبي جي پروگرام ۾ حمد نعت تقرير ڪندڙ شاگردن کي شيلڊ انعام طور ڏنا محمدعرس پٽيل برهماڻي GSF _BRSP جي استادن سردارخان نوحاڻي حافظ ظفر احمد چنا غلام حسين خاصخيلي رشيداحمد خاصخيلي هدايت الله چنا عبدالڪريم چنا زيد الله لاکو مس راشدان خاصخيلي حسين بخش باريجو ۽ ڳوٺاڻن شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ڪاج جي هن پروگرام ۾ يوسي باجارا جهانگارا جي پرائمري اسڪولن جي استادن حافظ فارق احمد باريجو غلام رسول رند ۽ GBPS حمزو خان رند امر عباس جوکيو آفتاب جوکيو فيروزگل نوحاڻي محمد عارب ٻبرو ۽ ڳوٺاڻن قربان علي برهماڻي رمضان پرهماڻي رضوان برهماڻي ميرمحمد برهماڻي علي خان برهماڻي شرڪت ڪئي.

بقايا 05

داخل ڪئي وئي هئي. جنهن جي انڪوائري اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ حيدرآباد جو انسپيڪٽر آغا حسين ڪري رهيو آهي اينٽي ڪرپشن اين او سي ليٽر، ايڪشن ۽ ٻيو رڪارڊ طلب ڪري چڪيو آهي ايڇ ايم سي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر ٽيڪس خلاف اڳ به ڪيترائي انڪوائريون اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ۾ هلندڙ آهن هاڻي ڏسڻو آهي ته هن ڀيري ڪو ايڪشن ٿيندو يا وري ڀيهر عوام جي اميدن تي پاڻي ڦيرائي ڇڏبوسياسي دباءَ جي ڪري آٽو بان روڊ تي لڳايل ايل سي ڊيز جي بجلي به چوريءَ سان هلائي پئي وڃي پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جو حڪم آهي ته ڪنهن به گرين بيلٽ ۾ اشتهارن جي سرگرمي نه ٿي ڪري سگهجي حيسڪو ايس ڊي او جو چوڻ آهي ته ضلعي انتظاميا جي هڪ اعليٰ آفيسر جي فون تي اسٽريٽ لائٽس مان ايل سي ڊيز جا ڪنيڪشن هلائي پيا وڃن فريادي جو چوڻ آهي ته ايڇ ايم سي حيدرآباد جي طرفان اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ کي رڪارڊ مهيا نه ڪيو وڃي، تنهنڪري هن ڀيري سيٽي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا به انڪوائري ڪن

بقايا 06

مظاهرو ڪيو جنهن موقعي تي لڪاڏنو خاصخيلي محمد هاشم ڏيرو فضل عمراڻي علي اڪبر برهماڻي بلال غوري محمد صفر ساند غلام حسين سينهڙو پرو فيسر ذوالفقار جتوئي وسيم احمد چنا حميد شيخ شاهد عباسي عمران بيگ غلام رسول ٻجورو ۽ ٻين خطاب ڪندي سنڌ حڪومت جي پينشن ريفارمز واري ڪاري قانون خلاف سخت نعريبازي ڪندي حڪومت سنڌ کان خصوصًا پ.پ.پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان گهر ڪئي ته پينشن ريفارمز نالي وارو نوٽيفڪيشن واپس ورتو وڃي ۽ ملازمن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي نه ته سنڌ جا سمورا سرڪاري ملازم 6 آڪٽوبر تي ڪراچي پريس ڪلب کان بلاول هائوس جو رخ ڪندا.

بقايا 07

جي نمائندن، ميڊيا جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي ۽ احتجاجي ريلي جي صورت ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي کان ڪشمير چوڪ تان ٿيندو پريپور نعريبازي ڪندو صادق فقير چوڪ مٺي تي پهتوجتي سنڌ ايمپلائيز الائنس ٿرپارڪر ۾ شامل تنظيم جي اڳواڻن. گستا ٿرپارڪر اڳواڻ جيتيش راڻي ، سپسا ٿرپارڪر اڳواڻ ارجن لال سوٿهڙ، گواس، عطا الرحمان بجير ، پ. ٽ. الف ٿرپارڪر اڳواڻ بادل دل، اشرف نهڙي، انب جوٽيجو، محمد صديق دل، ڪيلاش لوڌا، پدما ڪماري، رابيعه اڪبر، قولي ٻائي، جسي ٻائي، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، ڊاڪٽر حفيظ دل، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ راجيش لوڌا، آپڪا ٿرپارڪر مدن ڪيلا، لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر، تيرٿ ڪمار، ينگ پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ نريش ڪمار ، رميش چوڌري، استيوٽا ٿرپارڪر هارون عمراڻي، روڊس، ورڪ ۽ سروسز ايسوسيئيشن، لوئر اسٽاف ايسوسيئيشن، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي، مانيٽرنگ اسسٽنٽ تنظيم اڳواڻ سڪراچ، برڪت هنگورجو، پيشم ڪوناري ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت سرڪاري ملازمن سان نا انصافي بند ڪري اسان انهن کان پنهنجا جائز حق گهرون ٿا اڄ نياڻيون جنهن کي ست قرآن چيو وڃي ٿو اهو روڊن تي آهن. پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل استاد، مسيحائي پيشي سان وابسته ڊاڪٽر سراپا احتجاج آهن اسان کي اسڪولن ادارا بند ڪندي انتهائي تڪليف ٿي ٿئي ۽ اسان کي ائين محسوس ٿو ٿئي جڻ اسان ڪان ڪو آڪسيجن کسي رهيو آهي بلاول ڀٽي زرداري کي نوٽس ورتي 48 ڪلاڪ گذري چڪا آهن پر اڃا تائين حڪومت سنڌ، سنڌ ايمپلائيز الائنس جي مرڪزي قيادت سان ڪو به رابطو ناهي ڪيو وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه چوي ٿو ته اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانهي اگر ڪا به ڳالهه ڪانهي ته هي هزارين لکين سرڪاري ملازم ڪوشوق ۾ ته روڊن تي ڪونه نڪتا آهن اسان سنڌ حڪومت ڪان مطالبو ڪريون ٿا ته پينشن اصلاحات نالي ملازم دشمن قانون ۽ ڊي آر اي سميت ٻيا جيڪي به نڪتل نوٽيفڪيشن آهن اهي في الفور واپس ورتا وڃن سنڌ جي ملازمن جو معاشي قتلام بند ڪري انهن ۾ ڦهليل بي چيني ختم ڪئي وڃي نه ته 06 آڪٽوبر تي سنڌ ايمپلائيز الائنس SEA جو هي سمنڊ ڪراچي ۾ سمنڊ جي صورت اختيار ڪري ڪئي توهان جي اقتدار کي نه لوڙهي ڇڏي ۽ ڪراچي ۾ اها سرڪاري ملازمن جي احتجاجي تحريڪ تيستائين جاري رهندي جيستائين اهي سمورا ملازم دشمن قانون ، پاليسيون ۽ نوٽيفڪيشن واپس نٿا ورتا وڃن.

بقايا 08

جي پينشن ۾ ڪٽوتي جي خلاف سنڌ ايمپلائيز الائنس جي مرڪزي سڏ تي شهر جي الفتاح چوڪ کان سوين ملازمن تعليمي ادارن جي استادن ، ملازمن احتجاجي جلوس ڪڍي قليلي رود تي طويل احتجاجي ڌرڻو هنيو ، احتجاج ۾ شامل ايمپلائيز الائنس جي غلام محمد چلگري ، راجا نثار ميمڻ ، سارنگ شاهه ، عادل قادر پٽي ، ميڊم گل افشان پٽي ۽ ٻين چيو ته سنڌ حڪومت سرڪاري ملازمن جي پينشن ۾ ڪٽوتي جو فيصلو ڪري سندن رٽائرمينٽ کانپوءِ معاشي طور قتل جو فيصلو ڪيو آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو ، سرڪار فيصلو واپس نه ورتو ته هاڻي سنڌ جي اندر سمورين سرڪاري آفيسن تعليمي ادارن جي تالا بندي ڪري روڊن رستن تي احتجاج ڪرڻ کانپوءِ احتجاج جو دائرو سنڌ اسيمبلي کان احتجاج ڪري 6 آڪٽوبر تي بلاول هائوس ڪراچي جي آڏو احتجاج ڪيو ويندو ، هوڏانهن ٽنڊو محمد خان سمورن سرڪاري آفيسن ، تعليمي ادارن جي تالا پنجين ڏينهن جاري رکي وئي ، جڏهن ته ٽنڊو محمد خان جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري گرلس اسڪول جي آڏو علامتي بک هڙتال پڻ ڪئي وئي جنهن ۾ تعليمي ادارن جي استادن ، استاديائين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 09

پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو. احتجاجي ريلي ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ آفيس کان پريس ڪلب عمرڪوٽ تائين ڪڍي وئي. جنهن جي اڳواڻي خان محمد ڪوسو، حاجي رفيق ڪنير، اللهوارايو ڪنير، عمر سميجو، رتن سنگهه سوڍو، مگهن مهر ۽ ٻين ڪئي. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن سخت نعري بازي ڪندي حڪومت خلاف احتجاجي ڌرڻو هنيو. ملازمن جو چوڻ هو ته پينشن رول ۾ سڌارا آڻڻ جي نالي تي سرڪاري ملازمن کي بنيادي حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي، جيڪا سراسر زيادتي آهي. ڪا به نئين پاليسي منظور ناهي. استادن جو چوڻ هو ته اسڪولن ۾ تدريسي عمل جو پنج ڏينهن کان بائيڪاٽ هلندڙ آهي، جنهن سبب سوين شاگرد مايوس ٿي گهرن موٽي رهيا آهن. ملازمن وڌيڪ الزام هنيو ته هڪ سازش تحت ملازمن کي پينشن ۽ DRA الائونس کان محروم رکيو پيو وڃي، جڏهن ته رٽائرمينٽ وٺندڙ ملازمن کي گروپ انشورنس جي رقم به جاري نٿي ڪئي وڃي، جيڪا کليل ناانصافي آهي. ملازمن واضح چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن سومر تائين سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌائي بلاول هائوس جو گهيراءُ ڪيو ويندو، جنهن جي سموري ذميواري سنڌ حڪومت تي هوندي.

بقايا 10

هٽي ويهي رهيا ان موقعي تي غلام قادر باغي، هلڪ ڪاتي جي ضلعي آفيسر ڊاڪٽر حنيف ميمڻ پ. ٽ. الف .تعلقي صدر عمر ميمڻ. ميڊم فرزانه امتياز ميمڻ، سائين الله بچايو ميمڻ، لطف الله ميمڻ، آپڪا جي بچل لغاري، شڪور سارنگ، حاجي مظفر علي لغاري شڪور ملاح .سميت سنڌ ايمپلائيز الائنس ۾ شامل مختلف يونين جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ سرڪار ملازم دشمني تي لهي آئي آهي. پينشن ريفارمز جي نالي تي ملازمن جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي ۽ اسان جو معاشي قتل ڪيو ويو آهي جيڪو اسان ڪنهن به صورت ۾ عمل ٿيڻ نه ڏينداسين هي اسان جي ٻچن جي مستقبل جو مسئلو آهي هنن چيو ته ٻين صوبن ۾ ڊسپيريٽي الائونس ڏنو پيو وڃي پر سنڌ حڪومت لکين ملازمن جو معاشي قتل عام ڪري رهي آهي ۽ ڊسپيريٽي الائونس ڏيڻ کان به انڪاري آهي گروپ انشورنس سميت ٻيا مطالبا پورا نه ٿيا ته 6 آڪٽوبر تي بلاول هائوس ڪراچي آڏو لکين ملازمن سان گڏ ڌرڻو هڻنداسين احتجاج ۾ وڏي تعداد ۾ ملازمن شرڪت ڪئي جڏهن ته بار ايسوسيئيشن سجاول جي صدر وڪيل سجاد خواجه. آفتاب پنهور احتجاج ۾ شامل ٿي ملازمن جي احتجاج جي حمايت جو اعلان ڪيو ويو.

بقايا 11

جا اڳواڻ ۽ ملازم وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي نعرا هنيا، جن تي لکيل هو: * "پنشن اسان جو حق آهي"، * "ملازمن سان زيادتي برداشت نه ڪنداسين" ۽ "حڪومت جا ظلم نامنظور". احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته حڪومت پاران پينشن ختم ڪرڻ يا ان ۾ ڪا به ڪٽوتي ڪرڻ ملازمن جي معاشي حقن تي سڌوسنئون حملو ڪرڻ آهي اڳواڻن جو چوڻ هو ته اسان جي سڄي زندگي جون خدمتون حڪومت ۽ ادارن لاءِ وقف ٿيل آهن. تنهن ڪري اسان جو روزگار کان پوءِ جو واحد سهارو پنشن آهي. جيڪا ڪنهن به صورت ۾ ختم نه ٿيڻ گهرجي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته: "اسان ڪنهن به صورت ۾ پنشن تان دستبردار ڪونه ٿينداسون. نه ڪا ڪٽوتي منظور آهي جيڪڏهن حڪومت ضد تي قائم رهي ته احتجاج جو دائرو وڌائي سڄي سنڌ ۾ سخت تحريڪ شروع ڪئي ويندي. "احتجاج ڪندڙ ملازمن مطالبو ڪيو ته حڪومت جلد واضح اعلان ڪندي پينشن ختم ڪرڻ يا ڪٽوتي ڪرڻ واري ڳالهه کي ختم ڪري، ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رکندي 6 آڪٽومبر تي پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هائوس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 12

۽ انشورنس نه ملڻ ۽ پينشن ۾ ڪٽوتي خلاف گورمنٽ هاءِ اسڪول کان پريس ڪلب احتجاج ريلي ڪڍي وئي جيڪا پريس ڪلب پهچڻ ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ملازمن سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا . ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن استادن علي نواز چنو طالب مهر راحب مهر. وارث مهر اسحاق شيخ علي حسن مهر ۽ ٻين چيو ته پنجون ڏينهن آهي اسڪول بند پيل آهن. سڀ سرڪاري ملازم سراپا احتجاج بڻيل آهن پر سنڌ حڪومت ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي 6 آڪٽوبر تي ڪراچي سخت احتجاج ڪيو ويندو. هنن چيو حڪومت کي اپيل ڪريون ٿا جلد کان جلد سرڪاري ملازمن جا جائز مطالبا تسليم ڪري حق ڏنو وڃي

بقايا 13

سرڪاري ملازمن ۽ آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته ڪين SAP سسٽم سان لاڳاپيل رڪارڊ سيٽي معاملا ۽ ڪيلمز مرڪزي آفيس ۽ ضلعي اڪائونٽ آفيسرز (DAOs) وٽ مقرر ڪيل آخري تاريخ کان اڳ جمع ڪرايا وڃن. جڏهن ته ملازمن جي پگهارن، بلس، پنشنرز ۽ ٻين ادائگين جا سمورا دعوائون آخري تاريخ کان اڳ جمع ڪرايا وڃن، اهڙي طرح پينشن، پگهار ۽ ٻين ادائگين جا سب آف سائڪل پي رولز به مقرر ڪيل تاريخ کان اڳ مڪمل ڪيا وڃن. ضلعي اڪائونٽ آفيسر عمرڪوٽ محمد عالم سومرو وڌيڪ ٻڌايو ته 5 آڪٽوبر 2025ع کان 19 آڪٽوبر 2025ع تائين ضلعي اڪائونٽ آفيس عمرڪوٽ طرفان ڪنهن به قسم جي ادائگي نه ڪئي ويندي.

بقايا 14

تي سنڌي ادبي سنگت ضلعي سانگهڙ جي رابطا سيڪريٽري عبد چانديو سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو آدم جي سيڪريٽري اخلاق ورياه منصور ٻجورو ٻجورو گل حسن لاکو پير غلام حيدر جانڻ سنڌي ۽ ٻين پڻ پوکڻ جي مهم ۾ حصو ورتو سرواينڊ سيليبر گالا ٽنڊوآدم ريلوي اسٽيشن تي اسٽيج لڳائي خوبصورت پروگرام پڻ ڪيو جنهن جو مهمان خاص اسٽيشن ماسٽر ناصر احمد عمران رضوي اڪرم خان عبد چانديو ۽ ٻين خيال جو اظهار ڪندي سياحت ۽ ماڳ بابت آگاهي ڏني

بقايا 15

مکيه مقصد پوليس آفيسرن کي متاثرين سان معاملو ڪندي "متاثرين تي ٻڌل طريقي" ۽ "ڪو به نقصان نه پهچائڻ جي اصول" کان آگاهه ڪرڻ ۽ انهن کي عملي طور تي ان کي اپنائڻ جي قابل بڻائڻ هو هي هڪ ڏينهن وارو تربيتي ورڪشاپ ايس ايس پي آفيس ميرپورخاص ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص ڊاڪٽر سمير نور چنا جي سهڪار سان منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ 20 کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ اهلڪار شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن ۾ ايس ايڇ او غريب آباد مير محمد ڪيريو، ايس ايڇ او دلبر خان مهر عبدالمجيد گرگيج، ايس ايڇ او مهران مير خادم ٽالپر، انچارج شڪايت سيل ميرپورخاص اسماعيل قائمخاني، فوزيه ڪنول، صائمه لغاري، رابعه مسيح، مهران النساء، مومل پنهور ۽ وومين اينڊ چائلڊ سيل جون ٻيون ليڊي پوليس ڪانسٽيبل، شڪايت سيل جا آفيسر ۽ عملدار، مختلف پوليس اسٽيشنن جا جاچ آفيسر ۽ ڊيوٽي آفيسر شامل هئا. ورڪشاپ دوران، سي ايس ايس پي پروجيڪٽ مئنيجر محمد بخش ڪيري ۽ ٻين تربيت ڏيندڙن شرڪت ڪندڙن کي متاثرين جي حوالي سان هڪ مؤثر، حساس ۽ احترام وارو رويو اختيار ڪرڻ بابت هدايتون ڏنيون. تربيت ۾ زور ڏنو ويو ته متاثرين کي انصاف، تحفظ ۽ وقار فراهم ڪرڻ پوليس جي بنيادي ذميواري آهي. پروگرام جي آخر ۾، ڊي ايس پي سيٽلائيٽ ٽائون اسلم جاگيراڻي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي، پوليس ۽ سول سوسائٽي جي وچ ۾ سهڪار کي هڪ مثبت قدم قرار ڏنو ڊي ايس پي سيٽلائيٽ ٽائون ۽ آفيس سپرنٽنڊنٽ علي حسن دل شرڪت ڪندڙ آفيسرن ۽ اهلڪارن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ۽ سي ايس ايس پي جي ڪوشش کي ساراهيو ميرپورخاص ضلعي پوليس ۽ سي ايس ايس پي جو هي گڏيل قدم ان عزم کي ظاهر ڪري ٿو ته انسانيت، شفافيت ۽ انصاف جي اصولن تحت متاثر ماڻهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ پوليس جي اولين ترجيح آهي.

بقايا 16

علي چانڊيو پ پ اڳواڻ حسين بخش ناريجو سميت وڏي انگ ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ علائقي واسين پڻ غازي ڳوٺ پهچي تعزيت ڪندي ڏک ونڊيا ۽ رب پاڪ جي در دعا ڪيو مرحوم جا درجا بلند ٿئين آمين

بقايا 17

۽ ويلفيئر اتحاد جي سڏ تي باڻجي چوڪ وٽ قومي شاهرا تي نيشنل هائي وي انتظاميه خلاف ڌرڻو هنيو ويو باڻجي چوڪ تي ويلفيئر اتحاد جي اڳواڻ مجيد جسڪاڻي ، فدا بلو ، وحيد چاچڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قومي شاهرا کي بند ڪري نيشنل هائي وي انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئينيشنل هائي وي انتظاميه جي نااهلي سبب حادثا روز جو معمول بڻيل آهن ، روڊن کي ڪٽ هئڻ سبب حادثا پيا ٿين . مظاهرينن ايس پي پنوعاقل ۽ ايس ايڇ او پنوعاقل پهچي ڪري ڳالهيون ڪرڻ بعد ڌرڻو ختم ڪرائي ڇڏيو

بقايا 18

روينيو، لوڪل گورنمينٽ، هيلٿ، پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين کيترن هي سرڪاري کاتن جي ملازمن پاران اڄ مين الله والا چوڪ پريس ڪلب عمرڪوٽ اڳيان مختلف کاتي جي سرڪاري ملازمن پاران پينشن ريفارمز بابت ڌرڻو هڻي ۽ ٽرانسپورٽ جي آمدرفت کي بند ڪيو ويو ان موقعي تي استاد اڳواڻ ۽ سنڌ ايمپلائيز الائنس ۽ مختلف کاتي جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ملازمن جا جائز مطالبات حل نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڌرڻو باقاعدگي سان جاري رکيو ويندو_ جنهن ۾ روينيو ڊپارٽمينٽ سامارو پاران سنڌ تپيدار ايسوسيئيشن جي تعلقي سامارو جي صدر ۽ معزز شخصيت سيد جاويد حسين شاهه (سامارو) ۽ پ ت ا ڊويزن ميرپورخاص جي جنرل سيڪريٽري عبدالقيوم آرائين (سامارو) ۽ ضلعي عمرڪوٽ جي ٻين مختلف کاتن جي ملازم اڳواڻ جي اڳواڻي ۾ عمرڪوٽ شهر جي الله والا چوڪ پريس ڪلب اڳيان هزارين ماڻهن جي ميڙاکي سان پنهنجي حقن لا آواز بلند ڪيو ويو

بقايا 19

۾ گڏيل شام اسسٽنٽ ڪمشنر ماتلي سيد نور حسين شاهه پنهنجي وعدي مطابق پهريون ليڪچر ڏنو ليڪچر دوران شاگرد ۽ شاگردياڻين جو وڏو انگ موجود هو لائبريري جو علمي ماحول، ڪتابن سان ڀريل رينڪ ۽ پرسڪون ماحول نه رڳو شاگردن، شاگرديائين ۽ ڪتابن سان محبت ڪندڙن کي مطالعي جو بهترين ماحول فراهم ڪيو پر گڏوگڏ امتحاني تياري لاءِ يڪسوئي ۽ توجه کي آٽت بي ڏني پئي اسسٽنٽ ڪمشنر ماتلي شاگردن کي سي ايس ايس جي اهميت ۽، محنت جي تقاضائن ۽ ڪاميابي ماڻڻ جي طريقن سان آگاهي ڏني شاگردن اسسٽنٽ ڪمشنر جي قدم کي سٺو سڏڻ قرار ڏيندي چيو ته ماتلي پبلڪ لائبريري ۾ سي ايس ايس ڪلاس جو شروع ٿيڻ هڪ قيمتي موقعيو آهي جيڪا مستقبل ۾ اسان لاءِ ڪاميابي جا رستا کوليندي هي عمل اهڙو مثبت قدم آهي جيڪا تعليمي لحاظ کان ماتلي ۾ نئيون ماحول جوڙيندو ۽ نوجوانن جي خوابن جي تعبير ماڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آخر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سيد نورحسين شاهه جو چوڻ هو ته تمام جلد ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن پبلڪ لائبريري ۾ سي ايس ايس جي شاگردن کي ڪلاس ڏيڻ لاءِ ايندا

بقايا 20

آفيسر جون خدمتون فراهم ڪرڻ لاءِ عرض ڪئي وئي آهي، ته جيئن پروانشل هاءِ ويز ڊويزن حيدرآباد پاران ڪرايل ترقياتي ڪمن جي ٽيڪنيڪل انسپيڪشن ڪرائي استعمال ٿيندڙ مٽيريل جي ڪوالٽي ۽ اسٽينڊرڊ جانچڻ بعد حڪومت کي پهتل نقصان جو تخمينو لڳائي سگهجي. اهڙي ٽيڪنيڪل رپورٽ جاري ڪئي ويندي جنهن ۾ پروانشل هاءِ ويز ڊويزن حيدرآباد جي لاڳاپيل آفيسرن تي انفرادي ذميواري به مقرر ڪئي ويندي ته کهڙي آفيسر جي عمل سبب حڪومت کي ڪيترو نقصان پهتو آهي ذريعن موجب پروانشل هاءِ ويز ڊويزن حيدرآباد جي موجوده انجنيئر طرفان پسنديده ٺيڪيدارن کي قانون جي پيچڪڙي ڪندي مختلف ترقياتي ڪمن جا ٺيڪا ڏنا ويا هئا ۽ سائيٽ تي ڪم نه ٿيڻ باوجود به ٺيڪيدارن کي ڪروڙين رپين جي غيرقانوني ادائيگي ڪئي وئي آهي

بقايا 21

مقابلو ٿي گذريو جنهن ۾ هڪ ڌوهاري مارجي ويو پوليس جو چوڻ آهي ته پڪي کان ڪچي طرف ويندڙ ڌوهارين جي گروهه بابت ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي آهي جنهن دوران ٻنهي طرفن کان فائرنگ ٿي، فائرنگ جي دوران پنهنجي ئي ساٿي جي گولي لڳڻ سبب هڪ ڌوهاري مارجي ويو آهي جنهن جو لاش نئون ديرو اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب ته مارجي ويل ڌوهاري جي سڃاڻپ رتوديرو پرسان وڏا ٻوسڻ واسي طالب پٽ همٿ ٻوسڻ طور تي

آهي جيڪو ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ پڻ پوليس کي گهربل هو جڏهن ته وڌيڪ ڏوهن جي رڪارڊ جي جانچ جاري آهي. ٻئي پاسي مبينا مقابلي ۾ فل فرائي ٿيل نوجوان طالب پٽ همٿ ٻوسڻ جي وارثن ڪجهه ڏينهن اڳ نوجوان جي گرفتاري خلاف احتجاج پڻ ڪيو هيو ۽ هاڻي ڪيس مبينا مقابلي ۾ فل فرائي ڪيو ويو آهي.

بقايا 22

پهرين ورسي تقريب چٽوچنڊ شهر ۾ بروهي هائوس تي منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مولوي سيد منظور شاهه، مولوي غلام رسول عمراڻي، راجا صوفي محمد صديق، حافظ ولي محمد بروهي، حاجي خير محمد بروهي، حاجي محمد حنيف ميمڻ، صحافي محمد ايوب ملاح، صحافي محبوب بروهي سميت جماعت قاسميه سان تعلق رکندڙ فقيرن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جتي قرآن خواني ڪرائي مرحوم جي مغفرت لاءِ خصوصي دعائون گهري ننگر نياز ڪيو ويو ورسي تقريب جا انتظام عبدالواحد بروهي، عبدالحق بروهي ۽ ٻين پاران سنڀاليا ويا. جڏهن ته مولودين پاران مولود شريف پڙهڻ جي سعادت ماڻي وئي.

بقايا 23

سرڪاري اسپتال جي او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو، سرڪاري ملازم ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي سراپا احتجاج بڻيل رهيا،سرڪاري ملازمن ۽ استادن مس اسماء سردار،مس اريبه لطيف،مس رجا رياض،عثمان قائمخاني،درمحمد ڪلوئي،راڄيند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ تڪتل ريلي ۾ احتجاج ڪندي

بقايا 24

، عبدالماجد ميراڻي، وزير جتوئي ۽ عبدالباسط جوٽيجو جي اڳواڻي ۾ وڏي انگ ۾ ملازمن شرڪت ڪري سخت نعريبازي ڪئي،اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سرڪار صرف پينشن نه پر جيئڻ جو حق به کسي ڇڏيو آهي. جيستائين پينشن ڪٽوتي وارو ليٽرختم نه ٿيندو ۽ ڊي آر اي سميت پگهارن ۾ واڌ نه ڪئي ويندي، تيستائين اسان جو احتجاج ۽ تالابندي جاري رهندي. اڳواڻن خبردار ڪيو ته 6 آڪٽوبر تي بلاول هائوس اڳيان لکين ملازم ڌرڻو هڻي ويهي رهندا ۽ مطالبن جي منظوري تائين احتجاج جاري رهندو

بقايا 25

ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سگا جي مرڪزي اڳواڻن وائيس چيئرمين پروفيسر خالد حسين چنا ، ڊپٽي سيڪريٽري جنرل پروفيسر بخش علي چانڊيو، مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي جي ميمبر پيرل خان ڪوسو، پروفيسر شمشاد سومرو صدر ، اسلم خان عباسي ۽ سگا جي ٻين ساٿين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪيس سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس وڇوڙي تي سگا جي مرڪزي قيادت رفيق احمد جعفري چيئرمين، پروفيسر خالد حسين چنا وائيس چيئرمين، علي حسين بروهي سيڪريٽري جنرل، پروفيسر بخش علي چانڊيو ڊپٽي سيڪريٽري جنرل ، نور محمد سيال سيڪريٽري فنانس ، احمد حسن پنهور سيڪريٽري اطلاعات ، ڊاڪٽر محمد علي راهپوٽو سيڪريٽري هيلٿ ، منظور حسين اڄڻ سيڪريٽري تعليم ، شهاب الدين شاهاڻي سيڪريٽري ثقافت ، ميڊم حميده خاصخيلي سيڪريٽري وومين ڊولپمينٽ ۽ سڄي مرڪزي قيادت ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته هڪ متحرڪ ڪردار بهترين انسان علمي ادبي شخصيت جو وڇوڙو ڏکوئيندڙ آهي پر هي دنيا سڀني کي ڇڏڻي آهي پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعلى مقام عطا فرمائي ۽ سندس خاندان کي صبر جي توفيق عطا فرمائي

بقايا 26

مختلف وفدن سان ملاقات ڪرڻ کانپوءِ ايسراڻي هائوس تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو ، هن چيو ته پيئڻ جي صاف پاڻي کان وٺي صحت جي مرڪزن ، اسپتالن ، تعليمي ادارن ۾ تعليم کي ترقي ڏيارڻ سميت روڊن رستن جي تعميرات عوام جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ذميواري آهي جنهن لاءِ بنا ڪنهن فرق جي سنڌ جي هرهڪ شهر ، وسندي ۽ ڳوٺن جي اندر ترقياتي اسڪيمون ڏنيون ويون آهن ، جنهن ۾ بحالي جي کاتي جي ذريعي پڻ خصوصي پيڪيج تحت اسڪيمن تي عمل شروع ڪيو ويندو ، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڏنل احڪامات تحت عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ عوامي رابطا مهم جي تحت عوام کي سندن جائز مسئلا حل ڪري ڏنا ويندا ته جيئن عوام ڪنهن به پريشاني کان پاڻ بچائي سگهي ، برسانتن جي تباهڪارين ۽ دريا جي ڪچي جي متاثرين جي پڻ سهائتا لاءِ قدم کنيا وڃن پيا جنهن ۾ سنڌ حڪومت وفاقي حڪومت کي ان لاءِ خاص گرانٽ ڏيڻ لاءِ رپورٽ ڪئي آهي ته جيئن متاثرين جي سهائتا ٿي سگهي ، انهي موقعي تي موهن لعل ايسراڻي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا . هوڏانهن ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ جي مقامي قيادت ، اقليتي اڳواڻن سنڌ سرڪار جي بحالي کاتي جي صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي سنڌ ڪابينا ۾ وري شامل ٿيڻ تي آجيان ڪئي وئي آهي.

بقايا 27

ڪندي ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان اچي ويو. حادثي کان پوءِ فوتي جو مڙهه سول اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيو ويو. جتان ضروري قانوني ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. گهر ۾ موت جي اطلاع ملڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ غم جي لهر ڇانئجي وئي. ٻئي پاسي صوفي فقير پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي ٽريڪٽر ٽرالي کي تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو آهي، وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 28

محفل ميلاد مصطفيٰ صلعم کي مولوي فضل الله جن وعظ ڪرڻ سان گڏ نعت خوانن نعت شريف پڙهڻ جي سعادت ماڻي، آخر ۾ ملڪ جي خوشحالي، سلامتي، امن امان لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون، جڏهن ته هن پروگرام جا انتظام محمد حنيف لاسي، شهروز حنيف لاسي، سيٺ الطاف ڪماڻ جن سنڀاليا، آخر ۾ ننگر. نياز پڻ ڪيو ويو

بقايا 29

تفصيل موجب نئون ڪوٽ ۾ سنڌ ايمپلائيز گرينڊ الائنس جا ملازم پنهنجن مطالبن جي حق ۾ لڳاتار احتجاج ڪري رهيا آهن ملازمن جو چوڻ آهي ته پينشن ۾ ترميمن ۽ ڪنٽريڪٽ ملازمن جي مستقلي سميت ٻيا مسئلا به حل ڪيا وڃن تالا بندي جي ڪري سرڪاري اسڪول ۽ آفيسون بند رهيون، جنهن سبب تدريسي عمل معطل ۽ تعليمي سرگرميون متاثر ٿيون اڄ به وڏي انگ ۾ سڀني کاتن جا سرڪاري ملازم روڊن تي نڪري نعري بازي ڪري رهيا آهن هن موقعي تي انهن جو چوڻ هو ته اسان جا مطالبا جائز آهن حڪومت اسان جو معاشي قتل عام بند ڪري 6 آڪٽوبر تي سنڌ جا سڀ ملازم بلاول هائوس آڏو ڌرڻو ڏيندا، جيڪو مطالبن جي منظوري ۽ نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ تائين جاري رهندو

بقايا 30

(پرنسپل مدرسو)، مولانا علي گوهر ايماني، مولانا غلام نبي جعفري، مولانا غيور عباس پنهور، مولانا باقر حسين شجاعي ۽ مولانا علي نواز سومرو خطاب ڪيو مقررين شهدائن مقاومت ۽ خاص طور شهيد سيد حسن نصرالله جي جدوجهد کي خراج عقيدت پيش ڪندي مسلمان امت کي انهن جي نقش قدم تي هلڻ جي تلقين ڪئي هن پروگرام جي ڪاميابي ۽ ان جي بابرڪت تڪميل ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙن ۾ ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه، برادر عبداللطيف ڪتري، نعيم قريشي، اقبال حسيني ۽ سجاد ڪتري شامل هئا. جن جي محنت ۽ تعاون سان هي مجلس بخوبي سرانجام پوري ٿي

بقايا 31

بيٺل هيو ته منشيات فروشن جوابدارن نواز بنگلاڻي ۽ مير بنگلاڻي حملو ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو مذاحمت تي صحافي زوار بنگلاڻي جا ڪپڙا ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيا بروقت سندس عزيز ۽ صحافي برادري صوفي ٿاڻي تي پهچي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرايو ويو ۽ علاج لاءِ ليٽر پڻ ورتو ويو ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس پاران ڪا به اڳيرائي نه ٿي سگهي ۽ جوابدار گرفتاري کان اجا ٻاهر آهن اطلاع ڪرڻ تي صوفي فقير ٿاڻي جي ايس ايڇ انوار قائمخاني جو چوڻ هيو ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ بالا هٽي رهيا آهيون جلد جوابدار گرفتار ڪيا

ويندا ٻئي پاسي صحافين ۾ تاءُ پڻ پکڙيل آهي سندن چوڻ آهي ته هتي صحافي غير محفوظ بڻيل آهن منشيات فروش جان ليوا منشيات وڪرو ڪرڻ سان گڏ بدمعاشيون ڪندا رهن ٿا حق سچ لکڻ تي ٻاهر جا غنڊا گهرائي هيسائڻ جون ڪوششون ڪري صحافين تي حملا ڪرڻ شروع ڪن ٿا پوليس جلد کان جلد جوابدار گرفتار ڪري انصاف ڪري ٻئي صورت ۾ صحافي برادري پاران نئي حڪمت عملي جوڙي ويندي ۽ احتجاجن جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 32

سيڪريٽري ڪامريڊ نثار لغاري ، دوست علي لغاري ، امتياز چلگري ، مير اعجاز چلگري ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته شاهپور درپو ٿاڻي جي سموري علائقي ۾ بدامنيءَ چوٽ چڙهي وئي آهي ، چوريون ، ڦرون ، ۽ منشيات جي سري عام وڪري عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ڪو به پورهيت مسڪين محفوظ ڪونهي ، شاهپور درپور پوليس عوام کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. نوجوان نسل موتمار نشي آئس ڪچي شراب مئين پڙي، سفينا، زيد 21 ۽ ٻي منشيات جي سرعام وڪري سبب پنهنجون حياتيون وڃائي رهيو آهي ۽ پوليس رڳو هفتو وصول ڪرڻ ۾ مصروف آهي. احتجاج ڪندڙ اڳواڻن ايس ايس پي متياري ، ڊي آئي جي حيدرآباد توڙي ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته چورن ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، خراب ڪارڪردگي تي ايس ايڇ او شاهپور کي هٽائي ٻيو فرض شناس آفيسر مقرر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 33

پاران پينشن اصلاحات ۽ الاونسز ۾ ڪيل ڪٽوتين احتجاج جو سلسلو جاري آهي. جيڪو اڄ پنجين ڏينهن به جاري آهي استادن ۽ ٻين ملازمن 23 سيپٽمبر کان احتجاج شروع ڪيو هو جنهن ۾ اسڪول بند ڪرڻ، ڪاري پٽيون ٻڌڻ ۽ باقاعده ڌرڻا ڏيڻ شامل آهن احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت پاران پينشن اصلاحات جي نالي تي نوٽيفڪيشن جاري ڪري، ملازمن سان زيادتي ڪئي وئي آهي. جيڪا انهن لاءِ "قتلِ عام" جي برابر آهي هنن چيو ته انهن قدمن سبب نه رڳو ملازمن جو مستقبل متاثر ٿيندو پر شاگردن جي تعليم به سخت متاثر ٿي رهي آهي استادن ۽ سرڪاري ملازمن سنڌ حڪومت، بلاول ڀٽو زرداري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت کي اپيل ڪئي ته ملازمن جي جائز مطالبن کي فوري طور تي منظور ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ جيڪڏهن ضرورت پئي ته ڪراچي تائين لانگ مارچ ڪيو ويندو

بقايا 34

ڪري اڄ 2500 رپين ۾ في مڻ خريد ڪيو ويو پيو ونجي ،ٽندو باگو سميت لاڙ جا آبادگار پهريان پاڻي کوٽ ۽ پوءِ شديد برسات سبب ٻوڏ جا ستايل آهن،سارين جي فصل جي في ايڪڙ تي لکين رپيا خرچ ٿيل آهن اگر سارين جي فصل جو في مڻ ان اگهه تي خريد ڪيو ويو ته يقينن فصل تي ڪيل خرچ جنهن ۾ (ڪيڙي،ٻج، رونبو،پاڻ،اسپري دوائون،ڏاٿيدار دوائون،لاهارين جي مزدوري،ٽريشر،ڪرايو ۽ سارين مان هاري جو چوٿون حصو) به وڏي مشڪل سان نڪرندو آبادگارن کي ڪا به بچت نه ٿيندي ۽ سندن سموري سال جا خواب چڪنا چور ٿي ويندا،تنهنڪري ڊي سي ٺٽه،سنڌ جي زراعت کاتي سميت سنڌ جي اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪجي ٿي ته سارين جو في مڻ جو اگهه چار هزار رپيا مقرر ڪري آبادگارن کي معاشي طور ڪنگال ٿيڻ کان بچايو وڃي!

بقايا 35

